


# مان
# پاڻ
# کي
# ڳولڻ
# نڪتو آهيان

(ڪهاڻيون)

## اخلاق انصاري

www.sindhsalamat.com
books.sindhsalamat.com

# ارپنا

**قيس عالم ابڙي**

لاءِ



# سناءُ


- ظفر اقبال وري پناه ڳولي ٿو 00
- اوپرو 00
- زندگي ڪجهه به نه 00
- پڇاڙڪن قدمن جو ٿڪ 00
- سوڙهي ڪنڊ جو دائرو 00
- سچ 00
- بونساءِ 00
- معافي 00
- هارايل عمر جا آخري پل 00
- نه سمجهڻ جوڳ 00
- مان پاڻ کي ڳولڻ نڪتو آهيان. 00
- پن ڇڻ ۾ ٽڙيل گل 00
- مڙهيل عذاب ۾ گذاريل گهڙيون 00
- پوءِ........ 00
- مئل من، اوندهه انڌوڪار 00
- ويران رستا، سوڙهيون گهٽيون 00


اخلاق جون ڪهاڻيون سنڌي ادب جي سچاٽپ آهن

مدد علي سنڌي

## ظفر اقبال وري پناهہ ڳولي ٿو

منجهندو آهي تہ هو مسلسل پنڌ ڪندو يا ڪنهن اوچائيءَ تي وڃي اڪيلو ويهندو. اڳ پنڌ گهمندو هو. اڄ گاڏيءَ تي سڄو ڏينهن رليو آهي تہ بہ سڪون نہ آيو اٿس. ڪيس هميشہ جيان لڳو تہ ڪا بہ شيءِ سڪون ۾ نہ آهي. سڀ پريشان آهن. سڀ ڪجهہ ڊوڙندڙ هر وقت هلندڙ پريشان، ڳولها ۾، سڀ سوال آهن. جڏهن تہ جواب سڪون آهي، ڪنهن کي ڪو جواب ڪونهي.

ڇو؟

ڪنهن کان سوال ڪري

ڪيس ڪير جواب ڏيندو؟

جواب ڇا سوال پيدا ڪري هليو نہ ويندو. ڪنهن کي بقا آهي.

صرف سوال کي.!

جواب ۾ بي سڪوني، سوال آهن جواب ڪونهي.



سڄو ڏينهن رولڙي کان پوءِ هاڻ شاپنگ سينٽر جي ست ماڙ مٿان بيٺو آهي.هيٺ ڏسي ٿو شهر نہ آهي ڄڻ ڪٻاڙي جو دڪان آهي. ڇتين مٿان ٽي وي ائنٽينائون رکيل. پڳل سوفا ٽٽل پلنگ پراڻيون سائيڪلون بيڪار ڪارپيٽ پري پري تائين ڪو وڻ ڪونهي. صرف مسجدن جا مينار، گرجائون ۽ مندرن جا اڇا ڪلس هيٺ دونهون ڇڏيندڙ گاڏيون ۽ چوڪ تي هلندڙ ٽريڪٽر، بلڊوزر ۽ سامهون ڄمونءَ جو وڏو وڻ جيڪو هن جي پناهہ گاهہ، ڇپر ۽ ڇانو.

هاڻي جڏهن تہ شام ٿي چڪي آهي. هونئن بہ شام هن لاءِ ڄڻ ويراڳ جو نياپو. شام هن لاءِ ڄڻ جلاوطني آهي. اُداسائي آهي، ويڳاڻپ آهي.

ها.

اهڙي ئي هڪ شام هئي هن سڀ ڪجهہ ڏٺو. ڪاليج جي هاسٽل جي ڇت مٿان بيهي چوڌاري وٽن ۾ گهيريل ڪاليج جي بلڊنگ، هيٺ سوئمنگ پول، باسڪيٽ بال جو خالي ڪورٽ، استادن جي خالي ۽ خاموش هاسٽل. ان مهل تہ ايئن نہ هوندو هيو. هوندو هيو تہ ٽيبل ٽينس هال ۾ لڳندڙ شاٽ تي وڄندڙ سيٽين جا آواز ۽ ٽاڙين جا ٽهڪا، هوڪرا ۽ ٽريڪ سوٽ ۾ جاگنگ ڪندڙ پروفيسر، سوئمنگ پول ۾ ٽڙٻندڙ شاگرد ۽ باسڪيٽ بال جي ڪورٽ ۾ ڊوڙندڙ رانديگر ۽ ان ڏينهن ايئن نہ هيو. ڪجهہ بہ ساڳيو نہ هو.

هو ٽريڪ سوٽ ۾ بنا پريئڪٽس جي ، بغير دوستن جي، بنا جوس پيئڻ جي گهر موٽيو.

گهر ۾ بيٺل ڄمون جو وڻ. وڻ هيٺان رکيل ڪاٺ جو صندل، جنهن تي ڪڏهن سلائي مشين رکيل. پاڙي جون عورتون سندس ماءُ سان گڏ سلائي ڪندڙ. رون کي ستارا ٽاڪيندڙ پيڪو هڻندڙ منهن تي مسرتن سان گڏ حسرتن جا تاثر ڇنڀڙيل. مرڪون، ۽ ڪڏهن سندس ڏاڏيءَ کان



www.sindhsalamat.com

books.sindhsalamat.com

سيپاري جو سبق ونندڙ ننڍيون نينگريون ۽ ڪڏهن ماءُ ۽ ڏاڏي سروتي سان سوپاريون ڪتريندي. ان ڏينهن سڀ ڪجهه ايئن ڪونه هو.

صندل سوال هو.

وڻ سوال هو.

جواب ۾ هن ڏٺو. سامهون سندس ماءُ اڌ اونداهي ڪمري ۾ داخل ٿي ۽ سندس پيءُ باٿ روم مان نڪري هٿ ڌوئي رهيو هو. هٿ ملي وري باٿ روم ۾ هليو ويو. جڏهن به اڻ ٿيٽي ٿيندي آهي يا جو ڪجهه به نه چاهيندي ٿيڻ جو امڪان هوندو آهي ته هن جي پيءُ کي پيٽ ۾ وڪڙ ٿيندا آهن. لڳندس پيٽ ۾ سوال آهن. تڙپندڙ پريشان. جڏهن ته جواب سڪون آهي جو ڪٿي به نه آهي، ۽ جواب ۾ هن اهو وڻ چڙيو جنهن جي ڏارن تي پينگهون ٻڌي لڏيو. اهو شهر جنهن جي گهٽين ۾ ڊوڙيو واهن ۾ تڙڳيو وٽن مان انب پٽيا. رات جو پاڙي ۾ بند ٿيل دوڪانن جي دڪين تي ويهي اڪيوٺ ڪان پوءِ پراسرار ڪهاڻين جو مزو ورتو هئائين. ورتل مزي ۾ مليل سوال. سوال جيڪي ڪنهن بدروح جيان هن جي اندر ۾ ويهي رهيا. هر هنڌ، هر گهڙي، رڳو سوال. جواب ۾ رڳو مايوسي، مايوسيءَ ۾ پاڻ کي پُرندو محسوس ڪرڻ جڻ پرڪندڙ پٽر هجي. پري ته ان ڏينهن پيو جڏهن ڏاڏي جي قبر جي ڪتبي پرسان اگربتي ٻاريائين. ٻاريل اگربتين جي خوشبوءِ ۽ هاريل گلن جي پتين کي الوداع ڪيو ته خوشبوءِ پتيون ۽ ڪتبو سوال هئا. منجهي پيو. پنڌ، گهر مان نڪري سرحد ٽپيو ته وري سوال. ڪيڏانهن وڃان؟

جواب ۾ هو هن چوڪ تي پهتو. ساڳيو ڄمڻ جو وڻ. ڪليل آسمان، آسمان ساڳيو پر ستارن جي ميڙن جا هنڌ بدليل. اوپرو اوپرو آسمان، به سوال هيو. سڀ ڪجهه سڪڙيل. محدود ٿي ويل واٽڙو. سوين سوال ان وقت هن کي ابهم ٻار جي رهڙيل چهري جيان لڳا. آسمان ڏي ڏسندي هن کي معصوم چهري واري شيلا سامهون آئي. جيڪا هن جي پاڙيسرڻ هئي.



جنهن سان هي ڪڏهن به ڳالهائي نه سگهيو بس هڪ ڏياريءَ جي رات تي هن کان مٺائي وٺندي. هن جي هٿن جي ڇهاءَ ڪيس ڇرڪائي وڌو. پرتي هوندي به هن کي ويجهو ڪري وڌو.

شيلا!

مان ٻي گهر ٿي ويس...

ڪڏهن ايئن سوچيو به نه هو ته منهنجو پيءُ، منهنجي ماءُ هيئن پناهه گير ٿيندا سين. هتي ڄمڻ جو وڻ ته آهي. پر منهنجو اڱڻ، منهنجو آسمان نه آهي. آهي ته تون آهين، توسان ڳالهائيندس.

ڳالهائيندينءَ نه...؟

هان؟

نيڪ جواب نه ڏجانءِ!

مان ته سوال ڪيانءِ. سوال جو حق مون کان نه کسجانءِ.

۽ ٽن ڏينهن کان پوءِ هن کي انگريزن جي خالي ٿيل بيرڪ ۾ حصو مليو جنهن کي پٽ ڏئي. رڏٽو وراندو ۽ ڪاڪوس ٺاهيو. پيءُ ماءُ سان سڄو ڏينهن گذاريندي. رات جو ننڊ جي ڪوشش ڪندي به هن کي ننڊ نه ايندي هئي ته هو رات جو هن چوڪ جي لان تي اچي سمهندو ۽ شيلا کي گهرائيندو. بنا وقت جي. بغير ويزا ۽ پاسپورٽ جي، بنا ڪنهن خوف جي ڪچهريون ڪندو.

شيلا!

سڪون بس لمحاتي آهي. اهو لمحو ئي سڪون آهي، جنهن ۾ باسڪيٽ بال ۾ بڪيٽ ڪرڻ، ٽيبل ٽينس ۾ شاٽ ، پاٽيءَ ۾ گهٽ هڻڻ يا وسڪيءَ جا ٽي پيگ چاڙهڻ. سگريٽ جو آخري ڪش ئي سڪون آهي.

شيلا!



www.sindhsalamat.com
books.sindhsalamat.com

هاڻ الائي ڇو لڳي ٿو ته تون سڪون ۾ نه هوندينءَ. محسوس ٿو ڪيان پريشان هوندينءَ... توکي پنج ڇهه ڏيئر هونديون. تون انهن جي منگل سوتر لاءِ سوچيندي هوندينءَ. توکي ننڊ نه ايندي هوندي. مان ته هت هن چوراهي تي جمونءَ جي وڻ هيٺيان ئي سڪون جي ننڊ ڪندو آهيان. شادي نه ڪئي اٿم. شايد ان ڪري ئي سک ۾ آهيان. تنهنجي لاءِ وڌيڪ سوچي سڏڪي نه پوان.

شيلا!

هن چوڪ جي سامهون ڪيبن آهي. چانهه، بسڪوٽ ۽ سگريٽ سڀ ملن. مالڪ چيو: ها. پل تون چانهه پيءُ. پيسا پوءِ ڏجانءِ جڏهن نوڪري ملئي ته پوءِ. مان سگريٽ چانهه پيئندو آهيان. ڪو باسڪيٽ بال جو ڪورٽ نظر نه آيو آهي. پڙهڻ تي دل نه ٿي چوي. چوڪ تي گنجيون، ڪڇا، جورابا ۽ رومال ڪپايان ٿو. سچ ٻڌايانءِ جوا به ڪيڏان ٿو. هڪ سنڌي آهي جو اسمگلنگ ڪندو آهي هو شپ تان شيون وٺي ايندو آهي. سستيون ۽ اوڌر تي مون کي به ڏئي ٿو. رات جو بيئر ۽ وسڪي پيان ٿو. اُن رات نشي ۾ چور ڪيبن واري چيو.

ٻڌ!

ڇا؟

نه ٻڌئي؟

ڇا؟

ڇهه پٽ آهن.

هونهه؟!

هونهه ڇا، آهن.

پوءِ؟

پر سڀ نڪما. ڪجهه نه ڪن. رات جو پوئين پهر ۾ گهر وڃان. ڪجهه ڪلاڪن کان پوءِ وري اچي ڪيبن کوليان. ٻڌئي!



books.sindhsalamat.com

ها!

ڇا؟

زال ته مون سان سمهندي به ناهي.سمجهيئينه.

اڙي سڀ پٽ ڏسندين ته ڪوبه منهنجي شڪل سان نه ٿو ملي. ڪو ڊاڪٽر وسيم جهڙو آهي ته ڪو وڪيل فاروق جهڙو. ڪو به مون سان نه ملندو آهي.

چوندي آهي. تنهنجو آواز ئي زنانو آهي.

هوءَ منهنجي آواز کان نفرت ڪندي آهي.

شيلا!

هاڻ هت ڊٽل سينيما جي شاپنگ سينٽر ۾ وڏو جنرل اسٽور آهي. بنگلو آهي. ڪار آهي، پيسو آهي. شادي نه ڪئي اٿم. بيرڪ کي اوطاق ڪئي آهي. سڀ ڪجهه آهي اها ديڳڙي به جنهن کي روز ڏسندو آهيان. جنهن ۾ امان سيرو ناهيندي هئيته اسان سڀ پار، اوڪڙو ويهي. ان کي ڏسندا هئاسين. شب برات تي مان توکي سيرو ڏيڻ ايندو هيس.

اها ديڳڙي اڱ ڏاڍي وڏي لڳندي هئي. هاڻ سوچيان ٿو سڀ ڪجهه دوکو هيو. عمر سان گڏ سڀ ڪجهه ٻيو آهي. اصل اهو نه آهي. جيئن سوچجي ٿو. سوچ سوال آهي. جواب ۾ دوکو. هن سامهون ڏٺو پاريهرن جي جوڙي بي نياز آهي. هڪ ٻئي کي چوڳو ڏين ٿا. هي سوچي ٿو هو به بي نياز آهي. معنيٰ دوکو ٿو ڏي. هان هو بي نيازي ۾ ماري ڪاري سڀ ڪجهه ڪرڻ ڪا رعايت نه ٿو ڪري. سڀ ڪجهه ايئن هلندو رهندو ٺٺندو رهندو.

هيٺ ڏسي ٿو جڙ فريم ۾ بند ٿيل تصوير. سڀ ڪجهه بيئل، جڳهون، مندر، مسجدون، دونهون ۽ دز پر دز مان هلندڙ بلڊوزر. هن سوچيو چون ٿا "شهر وڏي ويو آهي". ٽريفڪ جو نظام درهم برهم ٿي ويو آهي. سگنل لڳايون.



www.sindhsalamat.com

اڄ اهو چوڪ ۽ ان چوراهي جي وچ تي نهيل باغيچي کي ڍاهن ٿا.

هيٺ مدماسڪ پاٽل انجنيئر جي اک ايليڊيڊ تي آهي. سامهون ماڻهو راڊ کي اڳتي پوئتي، ساڄي کاٻي ڪري ٿو ۽ انجنيئر اشارو ڏئي، پنن تي ڪجهه لکي ٿو.

سوچي ٿو زندگيءَ جا ٽيهه سال پل ته رڙيون هجن، شور هجي، ڪرفيو هجي ته به مان هتي سمهيس. ڪجهه به ته ڪونه هو ننڊ هئي، سڪون هيو.

شيلا!

ماءُ هٿ پوريل آهي. ناني ايڏانهن.

پيءُ هٿ دفن ٿيو ۽ ڏاڏو ايڏانهن.

هن سامهون ڏٺو. بلڊوزر جمونءَ جي وڻ کي پاڙان پٽي اڇلائي ڇڏيو.

هي ويهي رهيو. پرتان پارسين جي ٽاور آف سائلينس جي چوڌاري ڳجهون پئي ڦريون جڻ ڳجهن کي سوال جو جواب ملي ويو هجي. هي اڃان به متي ڳجهن کان متي رلڻ ٿو چاهي. پر جسم ۾ ست ڪونهيس.

اوڪڙو ويهي رڙيون ٿو ڪري.

چا ڪيان!

چا ڪيان!

ڪاڏي وڃان؟

ڪيس ڀهريون پيرو لڳو ته پاڻ ظفر اقبال ولد اقبال ظفر ئي جواب آهي. جنهن کي سوال ۾ پناهه جي ڳولا آهي.



books.sindhsalamat.com

# اوپرو

هاڻ جڏهن ڪو به گهر ۾ نه آهي، چپ چپات آهي. سندس ذاتي ڊاڪٽر هن کي چئي ٿو: سائين... سڀ ڪجهه ته صحيح آهي، بلڊ پريشر نارمل آهي شگر ليول به صحيح آهي- رپورٽ ۾ گردا به صحيح ڪم ڪن ٿا... اصل ۾ وڏيڪ پيشاب ڪڏهن پريشانيءَ ڪري به ٿيندا آهن.

هان!

جي.

پوءِ؟

پوءِ هڪ صلاح توهان کي ڏيندس... ڪو جانور پاليو.

.....

ڏسو ڪٿي ڪان وڏيڪ انسان جي ويجهو ۽ ڪيس کي سمجهندڙ ٻيو ڪو به جانور نه آهي.

.....



www.sindhsalamat.com

منهنجو هڪ Vet دوست آهي... ان وٽ ڪو سٺو نسل آيو ته ڪيس چوندس توهان لاءِ.

هاڻ جڏهن هي 69 سالن جو آهي ڪڏهن صبح جو يا ڪڏهن شام جي پنڌ کان پوءِ ٽيرس تي ايزي چيئر وجهي اخبار پڙهڻ کان پوءِ هيٺ گهٽيءَ جي چرپر ڏسڻ سندس محبوب مشغلو آهي.

جڏهن ته صبح ۽ شام جا ٻئي منظر هن جي ذهن ۾ ورهين کان وينل آهن ڪنهن فريم ۾ بند ٽيل تصوير جيان. صبح جو ڪير وارو- سائيڪل تي ڊبل روٽي انڊن وارو- ڀاڄي وارو- مختلف وين اسڪول جون مخصوص هارن ڏيڻ سان ۽ شام جو سامهون ڪميونٽي هال لاءِ ڇڏيل زمين ٽڪري تي ٻارن جون رڙيون فوٽ بال کيڏڻ ۽ سائيڪلون هلائڻ.

ڏهن سالن کان پوءِ جڏهن هن جو پٽ پنهنجي ڪٽنب سان آيو تي ته هن هر وقت پنهنجي منهن پوٽي سان ئي پئي ڳالهايو- رات جو پوٽي کي پاڻ سان ايئن سمهاريندو- جيئن پنهنجي پٽ کي ٻانهن تي سمهاري ڪهاڻي ٻڌائيندو هو.

هڪ هو ڊينبڙو ۽ هڪ هئي ڊينبڙي چڙهيا ڳڏهه تي ته لڪڻ ڪري پيس...

هان بابا-

ها

پوءِ؟!

ڊينبڙو چوي ڊينبڙي کي لهي لڪڻ ڪٽي ڏي نه

لڪڻ نه ڪنيو- ڊينبڙو لٿو ته ڦسي پيو.

هاهاها- پوءِ بابا؟

”سو ڊينبڙو سو ڊينبڙو واڻڙيءَ ڦٿو

سا واٽ سا واٽ چيرڙي جائي.“



سوچيائين پئي پوٽو ڪيئن نه تصورن ۾ هليو ويندو خيالن ئي خيالن ۾ ڊينبڙو ۽ ڊينبڙي ڏسندو ۽ سندس پٽ وانگر سوال ڪندو.

بابا... ڊينبڙو چو ٿيو؟

ڊينبڙو ڊينبڙي هڪ ٻي جا ڇا ٿين؟... چيرڙي پيلا ڪيئن جائي.

ڪليل آسمان هيٺان سٽل کٽ تي ستارن هيٺان سندس پٽ هلڪي هوا ۾ ڳالهائيندي ڳالهائيندي ننڊ ڪري ويندو هو. ۽ ڪانئس پوٽو به ايئن ئي فرمائش ڪندس بابا... چنڊ ماما پائي ڏي ٻڌاءِ-

۽.

هي سر سان جهونگاريندو چنڊ ماما پائي ڏي آخر ۾ جڏهن ٿوري وڏي آواز ۾ چوندو” هڻ ٻليءَ کي موچڙو“ ته پوءِ ٿهڪ ڏئي ٽڙي پوندا-

هو آيا ته سهي، پر هن پاڻ کي پنهنجي گهر ۾ ئي اوپرو محسوس ڪرڻ لڳو.

بابا-

جي امان... ننهن کي وراڻيو

بابا توهان ڪيئن ٿا هت رهو...!

ڇا مطلب؟

هوا ۾ مٽي آهي... دونهون ۽ سوڙهيون گهٽيون وڏا آواز......

هن ڪيس جواب نه ڏنو پر پاڻ پنتي هليو ويو- درياه جي ڪپ تي ڳوٺ. ڳوٺ جو چانوريون گهٽيون- شام جو لهندڙ سج جي ڏگهن پاڇن ۾ رئي اڏائيندڙ مينهون. ڍڳيون ۽ ٻڪريون رڏون- کليل اڱڻ نه بجلي نه بلب پکو نه ائيرڪنڊيشنڊ- کليل اڱڻ منو ڪير پت ۽ مٽي ننڊ-

بابا مطلب اهو ته... هوءَ کيس چوڻ لڳي ”سني“ هت بيمار ٿي پيو آهي، هن کي وٽن جي پور مان الرجي ٿي ٿئي... Pollen ۾ هن کي سهڪو ٿيندو آهي...

سوچي ٿو سندس پٽ ۽ ننهن به ته ساڳي ئي ڳوٺ ۾ انهن وڻن جي ٻورن ۾ ئي ته وڏا ٿيا، پڙهائي ڪري ڪين شهر ۾ وڃي آيو هو.

ءِ،

هاڻ ڳوٺ کي ياد ٿو ڪري وڏي باغ ۾ املتاس ڪان السيءَ تائين ڪوئل ڪان ڪٺچي تائين، طوطن ڪان ڪاٺ ڪنيو جي رنگن تائين- ڪيڏو نه پيارو باغ هو ورهاڱو ٿيو ته رمون مائٽن سان هندستان نه ويو پنهنجي دوست سان رهي پيو-

”رمون ۽ رجو“، رميش ۽ رجب ٻئي سڄي زندگي گڏ رهيا باغ سڏبوئي رمون جو باغ. باغ ۾ ٻيئل وڻن جي ٻورن جي خوشبوءِ جا هر موسم جي مزو وترائي ۽ ڪيفيتون بدلائي ڇڏي-

هن ته ايئن ئي سوچيو هو سني سندس تنگ تي تنگ رکي چوندو-

پوءِ بابا...؟ اڳتي ٻڌاءِ نه... ڇا ٿيو؟

پٽ اوچتو وڏي اونڌهه تي وئي... ڪجهه به ڏسڻ ۾ نه پي آيو-

نه پئي آيو-

ڪجهه به نه-

نه.

وڻ به نه!

نه.

گهر به نه!

نه

پوءِ؟

پوءِ وڏي آنڌاري آئي-

بابا... آنڌاري ڇا ٿيندي آهي-

پٽ وڏو طوفان مٽيءَ سان ڪجهه به نظر نه ايندو آهي-

پوءِ!؟



پوءِ آنڌاري مان هڪ آواز آيو- آدم بوءِ...آدم بوءِ... ۽ پوءِ ديوءَ ظاهر ٿيو- پر پٽر جي اوٽ ۾ لڪل شهزادي ڪارڪ جي ڪوڪڙي جو ديوءَ کي هنيائين ته اک ۾ لڳس اک نڪري پيس.

بابا پوءِ ته رڙيون ڪندو هوندو.

ها... پوءِ ٻي ڪوڪڙي ٻي اک ۾ هنيائينس ته انڌو ٿي ويو... پوءِ ديوءِ ماري شهزاديءَ کي قلعي مان ڪڍي پنهنجي ملڪ آيو.

پر سڀ ڪجهه ايئن ٿيو ئي ڪونه پوتو ته سواءِ اشارن جي ڪجهه سمجهي ئي نه پيو.

بابا ڇا ڪيون جي اسان هن سان پنهنجي ٻوليءَ ۾ ڳالهايون ۽ سيڪاريون ها ته اسڪول ۽ پاڙي ۾ هن کي تڪليف ٿئي ها ننهن چيو هئس.

پٽ جي موٽي وڃڻ کان پوءِ هن کي شدت سان احساس ٿيس ته هي ايڪسپائر ڊيٽ تي ويو آهي. سمجهائين پٽيبارن جي پهچ کان پري رکيو ويو هجي- پاڻ کي نٿهڻ اس ۾ اوڪڙو وينل محسوس ٿو ڪري ايئن ئي درياهه جي بند تي اس ۾ اوڪڙون وينو هو.

درياهه جنهن هن جي ڳوٺ کي پاتو پٽي پهرين انهن گهٽين ۾ آيو جنهن ۾ وڏيو وڏو ٿيو- جتي اک ٻوٽ ۽ چور پوليس کيڏيو پوءِ وڻ ٿڻ لوڙها آخر ۾ سندس اسڪول جي عمارت آهستي آهستي گم ٿي وئي- گم ته هن جي ناني نانيءَ، ڏاڏي ڏاڏيءَ جون قبرون به گم ٿي ويون ڪيس لڳو ته هن جي روح جو قضيو ٿيو هجي، هاڻ جيئڻ جو وڏيڪ اتساه ڪونه اٿس هر هر پيشاب نندڀ اڻ پوري دل جي گهٽ وڌ ڏڙڪڻ.

ءِ-

هن کي ويٺ هڪ تمام سني نسل جو ڪتو ڏئي ويو وڏا اڇا وار خوبصورت-

فيملي ڊاگ آ- ويٽ ٻڌايس ڏسو وات ۾ هٿ وڌو مانس تہ ڪجھ بہ نہ ڪيائين مالڪ جو ڏاڍو خيال رکندو آهي... توهان ڏسندؤ تہ هي بہ هڪ انسان وانگر ڏک سک کي سمجهي ٿو.

هن ان کان پاسپورٽ ورتو-

نالو: اليڪسي

ها... سائين اليڪسي نالو اٿس. پر ايل ڪري سڏيندوئوس تہ بہ موٽ ڏيندو.

هن ڏٺو- نسل...شهتزو.

ڪلر- اڇو

جنس- نر

عمر- 17 مهينا.

ڏسو سائين عمر ۾ بہ نہ ننڍو نہ ئي ايڏو وڏو آهي... اصل ۾ هن جي مالڪ جو پروجيڪٽ پورو ٿيو.....مالڪ چاهيو پئي تہ پنهنجي ملڪ کڻي وڃي پر کيس اجازت نہ ملي- جيئن تہ مان ئي هن جو علاج ڪندو هئس.

....

بس پوءِ مون کي ڏٺي چيائين توهان ئي هن کي بهتر نموني رکي سگهندو توهان ئي هن جي نفسيات کان واقف آهيو... پر جي ڪنهن ٻي کي بہ ڏيو تہ ڏسجو ماڻهو اهڙو هجي جو کيس پٽن وانگر پيار ڏي-

هن ايل کي ورتو سندس وار ٿهرايا- ويڪسن ڪرائي ۽ گهر جي هڪ ڪنڊ ۾ هن جو ڪاٺ جو ننڍو گهر رکيو-

ايل ڪري سڏ ڪري تہ ڊڪندو اچي کيس پسند جا بسڪوٽ کارائي پاڻي پي وري موٽي وڃي. هن ايل سان ڏاڍي ڳالهائڻ جي ڪوشش ڪئي. پر سواءِ نالي جي ٻي ڪنهن بہ ڳالھ تي ورنائي ئي نہ-

ڊاڪٽر صاحب-



جي-

هي تہ ڪجھ سمجهي ئي نہ ٿو.

جي سائين... هن جو مالڪ فرينچ هو انڪري هي فرينچ کان سواءِ ٻي ٻولي نہ ٿو سمجهي-

هن کي لڳو تہ هي پاڻ ئي ايل آهي. کيس مالڪ ڪنهن مجبوري ڪري ڇڏي ويا اٿس.

هاڻ هن کي ڪير بہ نہ ٿو سمجهي-

# زندگي ڪجھ بہ نہ . . . !

اصل الميو اهو آهي تہ ماڻهو هر وقت رڳو پاڻ کي ڊفائن ڪرڻ جي ڪوشش ۾ رهي ٿو... ۽ ساري زندگي رڳو پڇتاءُ آهي.

ٻاهر سخت گرمي آهي. مان روشندان مان هيٺ ڏسان ٿو. ڪمري ۾ اوندهہ آهي. اوندهہ ٿڌ جو احساس ڏياري ٿي. مسلسل اوندهہ ۾ ڏسان ٿو. شيون چٽيون ٿينديون ٿيون وڃن. شيون نہ لڪل هونديون آهن، نہ ئي چٽيون، هُو محتاج هونديون آهن... روشني ئي انهن کي معنيٰ ڏيندي آهي.

۽....

هاڻ سڀ ڪجھ چٽو آهي... ٿلهن پاون واري وڏي کٽ تي، وڏي ٿالهہ ۾ وڏو هنداڻو ڪٽيو پيو آهي – ڳاڙهو، سائو ۽ ڪارو رنگ سڪون جو احساس ڏياري ٿو. ٻاهر سخت گرمي آهي، لڳ ساڙيندڙ جهولو پيو هلي. مان هيٺ ڪمري جي فرش ڏي وڃڻ ٿو چاهيان... شيشي جي هڪ ڊگهي



راڊ، جيڪا روشندان کان ڪمري جي تري تائين آهي، هَٿ وجهي هيٺ گسڪان ٿو. لڳي ٿو مان ڪوئي جهڙو ماڻهو آهيان يا ماڻهوءَ جهڙو ڪوئو آهيان. انهيءَ سوچ ۾ نظر انگن تي پوي ٿي. 75 ڊگري سينٽي گريڊ لکيل آهي. مان تہ هڪ وڏي ٿرما ميٽر تي لڙڪيل آهيان. سخت گرمي آهي، لڳ سڙن ٿا. اهڙيون سخت گرمين ۾ شام جو اسان ڪچي پڊر جي اڱڻ ۾ ڇڻڪار ڪندا هئاسين. چوڏاري کٽن تي ويهندا هئاسين. اهڙين سخت گرمين ۾ انهن ڏينهن ۾ اسان وٽ وڏي اهميت ريڊيو جي هُئي. اونداهي راتين جو تارن جي جِهرمِر ۾ ريڊيو سڄي ڪائنات اسان جي اڱڻ ۾ ڪٺي ايندو هو. منجهند جو هنداڻو ڪاٺ جي ڪري پيٽ پرجي وڃڻ سبب وڏيڪ گهري ننڊ ايندي هئي... ڏينهن تتي جو ٻاهر کوهہ جي تَڙ تي پاڻي پيئڻ آيل ڏينين کي پڪڙيندو هئس.

راڊ تان هيٺ گسڪي 35 ڊگريءَ تي بيهان ٿو تہ منهنجي وات جو ذائقو ڪتو ٿي وڃي ٿو. اهڙي موسم ۾ ڪيس کوهہ مان ٻالٽي ڪڍندي ڏٺو. هن جي چيلهہ جي هيٺئين حصي ۽ پِريل ڄنگهن منهنجي اندر ۾ ٻاهہ ٻاري ڇڏي. اُن ڏينهن احساس ٿيو هو، تہ موسمون لمحن ۾ بہ بدلبيون آهن، هن جي جسم جي ڪٽي خوشبو هاڻ بہ محسوس ڪيان ٿو ۽ اڄ ڏينهن تائين انبڙين جي موسم ۾ پاڻ کي Define ڪري نہ سگهندو آهيان. هاڻ تہ... جڏهن تہ ڪمري ۾ اوندهہ آهي، بيڊ تي ستو پيو آهيان... مانيٽر تي لهرون ردم سان هلن ٿيون.

دروازو سڄو شيشي جو آهي، جنهن کي اٺن پانيل ۾ ورهايو ويو آهي. هر پانيل هڪ فريم آهي، هر فريم ۾ الڳ منظر آهي، يا هڪ منظر اٺن حصن ۾ ورهائجي وڃي ٿو، هر منظر الڳ معنيٰ رکي ٿو... جي سامهون ماڻهو بيهندو تہ ورهائجي ويندو، هڪ اک هڪ پانيل ۾ تہ ٻي ٻئي پانيل ۾، ۽ سامهون ڏسان ٿو تہ ڇهين پانيل ۾ نظر ايندڙ ڪمري جو سڄو در کليل آهي. نرس ڪراڙي مريض کي نبيولائيز ڪرائي ٿي. مريض وڏا وڏا ساهہ



www.sindhsalamat.com
books.sindhsalamat.com

کٽي ٿو ۽ نرس پنهنجي آڱوٺي تان ٻئي هٿ جي آڱوٺي سان نيل پالش کرڙي ٿي. سندس چهري تي شام جهڙي ٿڪل اُداسائي آهي. خوبصورت وڏين اکين ۽ چاڪليٽي رنگ واري ان مون کي پهرئين ڏينهن اسپتال ۾ اٽينڊ ڪيو هو ان مهل مون کي سيني ۾ سخت سُور هيو بلڪ منهنجو سڄو بدن جڻ ته چيچڙي ۾ وڌو ويو هو..... نه سُور گهٽيو پئي ۽ نه وڌيو پئي. مون ساڳي حالت مان نڪرڻ پئي چاهيو... يا سُور وڌي يا وري گهٽ ٿئي...!

هُوءَ مرڪي نرڙ تي هٿ رکي، زبان هيٺان گوري رکي، ٻيٺي هئي. ان وقت هن جي وڏين اکين ۽ واڱڻائي چپن ۾ منهنجي دلچسپي پيدا نه ٿي، هن وارڊ بواءِ کي پئي چيو، ”توهان مردن جو پيٽ ڪڏهن به نه ڀربو...“ وارڊ بواءِ جي چهري تي التجا هئي. جڏهن به مان ڪڏهن ڪنهن نرس کي ڏسندو آهيان ته هرويرو اهو خيال بنا سبب جي منهنجي ذهن ۾ پيدا ٿيندو آهي ته هِن سوال جو اصل مسئلو شادي آهي.

۽.....

هاڻ ستين پانيل ۾ نظر ايندڙ اهو پوسٽر وري ڌيان ڇڪائي ٿو. هن کي نه چاهيندي به ڏسندو آهيان، نه چاهيندي به پڙهندو آهيان.

– ماني وقت تي کائجي، ماني کان اڳ پاڻي پيئڻ بهتر آهي.
– تازيون ڀاڄيون ۽ ميوا استعمال ڪجن. جُوس کان پرهيز ڪريو.
– ذيابيطس جا مريض گلوڪوز کنڊ ۽ گُڙ کان پرهيز ڪن.
– هلڪي ورزش ڏينهن جو ڪهڙي به وقت تي ڪجي.

هي چارٽ منهنجي لاءِ جڻ ته سزا آهي. مون تي بار ٿي پيو آهي. مٿي ۾ سُور ٿو وجهي، اکيون بند ٿو ڪري ڇڏيان.

هي وارڊ ٻن اڌ گولن ۾ ورهايل آهي. سامهون اڌ گول ۾ ڇهه ڪمرا هيٺان، ڇهه مٿان ۽ ٻئي اڌ گول ۾ ڇهه ڪمرا مٿان ۽ ڇهه هيٺان. وچ تي


books.sindhsalamat.com

ٿلهو نهيل آهي، جنهن تي وارڊ بواءِ ۽ نرسون هر وقت ويٺل. سامهون هلندڙ اسڪرين تي هر مريض جو ڪارڊيوگرام. مان هاڻ اُٿي ويهاڻو کڻي پيرانديءَ کان رکي، پير سيرانديءَ ڏانهن ڪري سمهان ٿو. منظر بدلجي وڃي ٿو. دري آهي، دريءَ مان نظر ايندڙ وڻ جون لڏندڙ ٽاريون ۽ آسمان. هڪ دفعو هيٺ ڏٺو هئم ته ڇت تي ٽنگن ۽ ٻانهن تان لٿل پلاسٽر. ڪجهه ٽُٽل ڀڳل پلنگ ۽ ٽيبلون پيل هئا. ان کان پريان روڊ آهي، روڊ جي پريان اسڪول. ان اسڪول ۾ منهنجا سڀ پائر ۽ پينر پڙهيا. انهيءَ اسڪول جو محنتي استاد سائين انور هاڻ ستين نمبر ڪمري ۾ آهي. ڪالهه پلٽي هڻي، ٻانهون سڌيون ڪري گوڏن تي رکي ائين ويٺو هو جڻ سائيڪل جي هينڊل کي پڪڙيو هجئين... سڄي زندگي سائيڪل هلايائين. هاڻ نظر نه پوندي اٿس. ڏوهٽو ڪيس سائيڪل تي کڻي، انهن سڀني آفيسرن وٽ وٺي ويو هي، جيڪي سندس شاگرد رهيا هئا... پر ڏوهٽو اڄ به بيروزگار اٿس.

ٿڪجي پيو آهيان. سڌو ٿي ويهان ٿو. در مان ڏسان ٿو سامهون منهنجو پُٽ بيٺو آهي. وارڊ بواءِ سان ڳالهائي ٿو. مان هن جي چهري کي هڪ پانيل ۾ فِڪس ڪري ٿو ڇڏيان. جڻ جوانيءَ ۾ منهنجو فوٽو هجي. هي هاڻي يونيورسٽيءَ ۾ پڙهندو آهي. در کولي اندر داخل ٿيو. ٽيبل تي چانهه جو ٿرماس رکندي مون کي چتائي ٿو ڏسي. روشنيءَ مان اچڻ ڪري هُو اجان اندازو ٿو لڳائي ته مان جاڳان ٿو... سلام ٿو ڪري.

چانهه پيئندئو؟

ها...

هُو مگ ۾ چانهه اوتي ٿو هن جي چهري کي ڏسان ٿو ڏاڍو ٿڪل آهي. مان ڪڏهن به نه چاهيو آهي ته منهنجو پُٽ ٿڪل يا نَروس لڳي. ڪورٽ ۾ داخل ڪرايل ڪيس به هن جي ڪري وِٽ ڊرا ڪرڻ چاهيو.


www.sindhsalamat.com

ان ڏينهن وڪيل بہ نہ آيو هو. جيستائين سڏ ٿئي، سوچيم پئي تہ جج کي چوندس، ”سَر! اڄ وڪيل نہ آيو آهي، پر مان ڪيس تان... نہ نہ، اهو جملو صحيح نہ آهي...“

”سَر! وڪيل جي طبيعت صحيح نہ آهي، پر مان... نہ نہ، ايئن بہ نہ. .... سَر! ڪورٽ ۾ ڄڻ تہ مان تماشو ٿو لڳان... ڦلاڻو پٽ ڦلاڻي جو... حاضر ٿئي. مان چاهيان ٿو تہ....

۽ پوءِ حاضري نہ رهي، اٽيڪ ٿيڻ جو ڪارڻ ڪو ڪيس نہ آهي. پر ان تي پريشان آهيان، مون تہ سڄي زندگي نِيم تي گذاري آهي.

اسپتال داخل ٿيڻ کان اڳ واري رات مان پنهنجي پٽ کي خط لکيو هو... لائوڊ اسپيڪر تي آذانون هلن ٿيون... الصلواة خير مِن النَوم... سان جاڳ ٿي. پاڙي واري گهر مان ٻهاري پائڻ جو آواز اچي ٿو... ان مائيءَ جو مڙس مري ويو آهي، جنهن جو پٽ علي تنهنجو دوست آهي جي ڪنهن دور ۾ شاندار زندگي گذاريندا هئا. ان جي ماءُ ان احساس سان پرهہ ڦٽيءَ جو ٻهاري پائيندي آهي تہ جيئن بدقسمتي گهر مان ٻُهاري ڪڍي. توکي خبر آهي تہ جنهن پاڙي ۾ اسان رهون ٿا، ان ۾ توکي ڪٿي بہ کيڏڻ لاءِ پارڪ نہ مليو نہ ئي ڪٿي ڪو وڻ آهي.

پنهنجي گهر ۾ هڪ ڊزني لينڊ ٺاهيسين، ٽيبل ٽينس ۽ اڱڻ ۾ بيڊمنٽن جو ڪورٽ بہ ٺاهيوسين. شطرنج ۽ ڪيرم بہ هلندو هو. ان پاڙي ۾ نہ توکي ڪو سڃاڻي نہ مون کي ڪو سڃاڻي. اسان ايئن ئي اوپرا اوپرا رهندا آيا آهيون. ٻاهران ڪو دوست ايندو آهي تہ سنهيون گهٽيون اُڪري، تون انهن کي گهر تائين وٺي ايندو آهين. اڪثر منهنجي دوستن کي لفظ هوندا آهن تہ، ”مان ان پاڙي ۾ رهندو آهيان، جتي گانڌي رهندو هو.“ تو پڇيو هو ”گانڌي ڪٿي رهندو هئو؟“

هريجن جي پاڙي ۾.......



تو ٻڌا ٿڪ ڏنا هئا. سچ تہ اهو سڀ ڪجهہ مذاق هئي. هريجن جهڙو هردو هتتہ ڪنهن ۾ بہ ڪونہ آهي، اسان تہ ڏوهارين جي پاڙي ۾ رهون ٿا، جتان تنهنجون هڪ ٻئي پٺيان ٽي سائيڪلون چوريون ٿيون، هر هر چوري ٿيل سائيڪل پٺيان روئندو هئين ۽ مان کلندو هئس. مون کي لڳندو آهي. زندگيءَ کي سمجهڻ لاءِ اهي ڀيريان سچ هئا. جڏهن تہ گڏجي ڪائناتي ارتقا، سماج جي ارتقا، هڪ گهڙي کان هزارين گهرڙن تائين جو سفر ۽ مذهبي ويچارن جو وڏڻ... تنهنجي ماءُ ڏاڍي معصوم آهي، جيڪا توکي دعائون ڏيندي ٿي رهي، ان هاڻ ننڊ مان اُٿاريو اُٿ!

هُون...!؟

ٻُڌ...!

جي...!؟

مان خواب ڏٺو آهي.

هُون...

تہ منهنجا ڏند هِڪ هِڪ ٿيندي ڀڄندا ٿا وڃن.

سمهي پئُہ.... ڪجهہ بہ نہ آهي.

هُوءَ ان خواب جو تعبير پڇڻ ٿي چاهي، تنهنجي يونيورسٽي وڃڻ کان پوءِ توکي شدت سان ياد ڪري ٿي. سچ تہ اهو آهي تہ ورهيہ ٿيا آهن مون بہ خواب نہ ڏٺا آهن.

پر،

ان سان گڏ اڄ بہ اتفاق سان توکي خواب ۾ ڏٺم. توکي ٽريئر نَسل جو ڪتو آهي، سهڻي زنجير ۾ ٻڌل، گهر ۾ داخل ٿيو آهين. چوين ٿو ”هن کي اينٽي ريبيز انجيڪشن ڪرائڻي آهي.“ اوچتو هڪ ايپران پاتل ڊاڪٽرياڻي ان کي انجيڪشن هڻي ٿي، هُو ڀونڪي نٿو پر معصوم ٻار وانگر رڙيون ٿو ڪري... سچ تہ تنهنجي ڪتي پالڻ واري خواهش بہ پوري ڪري نہ سگهيم. هاڻ جاڳان ٿو سوچان ٿو ڪورٽ ۾ درخواست داخل




www.sindhsalamat.com
books.sindhsalamat.com

ڪرايان تہ مان ڪيس جي نالي ۾ ڪورٽ جي پابندين جو قيد قبول نٿو ڪري سگهان. ڪيس تان هٿ ٿو ڪڻان.

ننڍاڪڙو آهيان. در اڌ چادر سان ڍڪيل آهي. جو تہ ٻاهرين ٽيوب لائيٽ جي روشني مون کي تنگ نہ ڪري هُو چادر ڏئي. لائيٽ آف ڪري وڃي ڪٿي وينو هوندو ۽ هيٺين پانيل مان رڳو پير ئي نظر ايندا آهن. تڪڙا... ڍرا... ڪجهه تيز... صفا تيز... ۽ انهن جي بناوت ۽ هلڻ مان اندازو ٿي وڃي ۽ سندن ڪم جي ڪيفيت جي خبر پئجي وڃي... ڪير آهي؟... ڇا ڪندو آهي؟ اهو بوٽ مان، سينڊل مان، جاگر، چپل، گهمڻ جي انداز مان، شخصيت کي سڃاڻي ٿو وٺان. در کلڻ جو چيڪاٽ ٽيوب لائيٽ آن ڪيائين، هُوءَ هئي!!!... اها ئي ساڳي، ورهيہ اڳ، جنهن کي روز مان ڳاڙهن گلن جي تاري پيٽ ڪندو هئس ۽ هاڻ هوءَ ڳاڙهن گلن جو گلدستو کنيون بيٺي هئي. اٿڻ جي ڪيم، هن گلدستي کي وڇاڻي جي پاسي کان رکندي، هٿ سان منهنجي وارن کي نرڙ تان هٽائيندي چيو ”ڪيئن آهين؟“

ٺيڪ آهيان...

ڏاڍي دير ڪيئي...؟

ڇا ۾؟؟

هتي اچڻ ۾...

ڇو؟؟

جيڪي ماڻهو پاڻ کي Define ڪري نہ سگهندا آهن، اهي...!!

مون هن جي چهري ڏانهن ڏٺو اکين ۾ ڳوڙها هئس. ڏک منهنجي نڙيءَ ۾ ڳوڙهو ٺاهڻ لڳو. ڏانهنس ڏٺم، گهنج هن جي ڳچيءَ تي لهي آيا. ميندي لڳل وار اڌ ڪارا اڌ ڳاڙها، اکين تي عينڪ چڙهيل، پر مان تہ هن کي ايئن ڏسڻ پئي چاهيو جهڙي يونيورسٽيءَ ۾ هئي. ڪيس پيار ڪندو


books.sindhsalamat.com

هئس، وڙهڻ، پرچڻ، پڙهڻ... هڪ دفعي فائنل پيپر ۾ ڪراچي پئي ويم. چيو هئومانس، ”ڪراچيءَ ٿو وڃان...“

ٺيڪ آهي.

تنهنجي لاءِ ڇا وٺي اچان؟

ڪجهه بہ نہ...

ڇو؟!

بس.

ڪجهه تہ؟

نہ نہ...

ڪجهه تہ چئہ!

پوءِ سمنڊ آڻجانءِ...؟

ڪيئن آڻيندس؟!

پوءِ پڇين ڇو ٿو؟

مان ڪجهه نہ ڪڇي سگهيو هئس. اڌ رهجي ويو هئس. هاڻ هن جي اکين ۾ سمنڊ هو. هُوءَ سمنڊ کڻي منهنجي ڪمري ۾ آئي سڏڪندي رهي، ڏسندي رهي. سڏڪندي چيائين، ”مان بہ هن وارڊ ۾ ٻہ دفعا اچي چڪي آهيان.“

ها!؟

ها... ها... نہ پڇ... ڪجهه بہ نہ بچيو آ... زندگي ڪجهه بہ نہ آهي... رڳو پڇتاءُ آهي... آخري اٽيڪ ايترو زوردار هو جو... جو منهنجي هٿن ۽ پيرن جا ننهن ڪارا ٿي ڇڏي پيا هئا.


www.sindhsalamat.com

# پڇاڙڪن قدمن جو ٽڪ

سامهون ڏنائين پهاڙين جي وچ ۾ تير وانگر ڊگهو سرمئي روڊ وڇايل هو. جبل نوڙها، ڪٽي وڻ جيڪي گولائي ۾ ڦرندا گم ٿيندا ٿي ويا هاٽي گهڻو مطمئن آهي.ڪوچ ۾ ٻه سيٽون وٺي اڪيلوبي فڪرو ٿي ويهي رهيو.

رات دير تائين جاڳيو هو زال کي چيو هيائين اصل ۾ صرف اُهو ئي پئو ٿيندو آهي ته ..... ته سفر ۾ پيشاب زور نه پڪڙي.

— ها......بس چا ڪجي وڃڻو ته اٿئي نه ..... مجبوري جو آهي

هن جي ڏيَ کي ٽين ڏيءُ جائي هئي، پٽ نه هجڻ ڪري اجان ڏيءِ ڄمڻ تي پريشان ٿي وئي. اهڙي موقعي تي سندس زال جو ڏيُ وٽ هجڻ ضروري هو پر زالنهس انڪري گهر نه پئي ڇڏي سگهي ته سندس پوٽي کي ڪير سنڀاليندو جي ننهن نوڪري تي هلي وڃي ته ٻار سنڀالڻ هنَ کان ته زور هو



— ٻڌ

— جي

— ڇانه نه ٿاهجانءِ

— ڇو؟

— بس .....نه ٿاهِ

— پي وڃ....رستي ۾ مٿي ۾ سور نه پوئي.

— نه....نه...وري پيشاب ٿين ته پوءِ؟

— ڪوچ وارا مقرر اسٽاپ تي بيهاريندا آهن.

جڏهن کان هن کي شوگر ٿي آهي ته هو ڇڻ ته هر پنجن منٽن جي وٿي کان پوءِ پيشاب ڪندوِ آهي ، جڏهن ته ايترو پاڻي به نه پيئندو آهي."زال کي چيائين قدرت واري پنهنجي گاڏي به نه ڏني."

— هونه گاڏي پنهنجي هجي ته مرضي به پنهنجي هجي ها.

— ها..ٽرين تي به نه ٿو وڃي سگهان

— ......

— هتان گهر کان نڪران ته ٽيڪسي جو ڪرايو اسٽيشن تائين.....وري اتان اسٽيشن کان گهر تائين جو ڪرايو پريان.

— ها....ايئن ته آهي.

— ٽرين جي ٽڪيٽ کان وڌيڪ ته ٽيڪسي جو ڪرايو لڳي ويندو.

هنَ اڪ ٽيٽ سان ڪوچ ۾ ڏٺو. گهڻيون فيمليز ويٺيون هيون. ڳاڙهي نيڪر سان هڪ ٻار فيڊر ڪٽي ڪوچ جي گهٽيءَ ۾ گهمي ٿو.... هن کي تريل قيمي جي خوشبو آئي ڪنهن ٽفن باڪس کوليو جنهن هنَ جي اندر ۾ تازگي پري ڇڏي.

— ڪوچ ۾ به ٽرين وانگر باٿ روم هجي ها...اِهو جملو هن زال کي گهر کان نڪرڻ وقت چيو هو.

— ها.



www.sindhsalamat.com
books.sindhsalamat.com

— چون ٿا تہ هاڻي اهڙيون بسون آيون آهن. هن هڪ اميد سان ڪيس چيو.

— ها...ها... مان بہ پڏو آهي اهڙيون بسون آهن جنهن ۾ سمهي بہ سگهجي ٿو.

— ٻڌءُ

— جي

— گهر پهچڻ سان ئي پوڙ عذرا کي ڏجانءِ

— ها

— وسار جانءِ نہ.

— نہ.... نہ.

— ايئن نہ تہ ٽپ ڪري وڃئي

— ها...ها

— عذرا جي ڪپڙن جي وچ ۾ خرچي بہ رکي اٿيمانءِ...ٻڌائجانس.

— ها.

— تنهنجي بيگ جي ڪاٻي پاسي ۾ رکيا اٿم.

— ها.... ها... ٺيڪ آ.

— باقي، جڏهن اسٽاپ تي لهين تہ ڪجهہ ونجانءِ.

— ها......ها خالي هٿين نہ ويندس.

هنَ کي هاڻي آهستي آهستي پيشاب ڪرڻ جي خواهش ذهن ۾ ايريس ٿي. لوائنڊ لاءِ سامهون هلندڙ ٽي وي تي انڊين فلم کي ڏسي ٿو. پر دلچسپي پيدا نہ ٿي ٿيئس.

سوچڻ لڳو...ڪيئن ورهين پڄاڻان يونيورسٽي واري محبوبا ڪيس ملي هئي پارڪ ۾.

هان....!! ... ڪليم

— جي....



books.sindhsalamat.com

— ايئن بہ ٿيندو!

— ڇا....ڪيئن؟

— ورهين کان هتي هيئن ۽ اوچتو ملنداسين..

— ڏس نہ....!!!

هوءَ سندس پرسان ئي ڪافي ٽائيم ويٺي هئي انهن ٻنهي مان ڪنهن ڪجھ ڳالهايو تہ هڪ ٻي ڏي ڏٺائون.

ڪيس هنَ ئي چيو ڪليم؟....مان توکي آواز مان سڃاتو......بلڪل شڪليون وقت مٽائي ٿو ڇڏي ...پر.....آواز ساڳيو ٿو رهي نہ؟

ها....بلڪل

— ڪيڏو وقت ٿي ويو آ

.....

يونيورسٽي جي هڪ ڏينهن جي ٽوئر تي هنن کي ساڌ ٻيلي ۾ شام ٿي وئي هئي جڏهن تہ اڳ ايترو ويجهو نہ هئا...پر سرسوتي ديويءَ تي ڳالهائيندي هي ويجها ٿي ويا.ڪونج گهٽي جي آخري ڇيڙي تي، هنن گڻيش جي مورتي آڏو پاڻ کي وڌيڪ ويجهو سمجهيو.

— ڏسءُ

— گڻيش جي مورتي وٽ، پنڊت مليو.

— ها....

— ياد اٿئي

— ها...يار

الائي ڪيئن هنَ سمجهيو تہ تنهنجي ۽ منهنجي فريڪيونسي ملي وئي آهي.... هنَ تنهنجو هٿ ڏسي....الائي ڇا پڙهيو ۽ ڇا چيو؟

— ها...هڪ جملو ياد آهي.

— ڪهڙو؟

— هي ڏس...هيءَ لڪير تنهنجي هٿ ۾ وچ ۾ ئي ٽٽي ٿي.



www.sindhsalamat.com

مطلب!؟

— نہ تون پيار ماڻيندي نہ ئي تنهنجي شادي ڪامياب ٿيندي.

جڏهن تہ بئي ڪينٽين ۾، خالي رستن تي وڻن هيٺان، پنهنجي سبجيڪٽ، هلندڙ سياست يونيورسٽي ۾ ٿيندڙ عشقن تي ڳالهائيندا هئا.

هنَ ڪنڌ لاڙي سامهون وڏي اسڪرين مان روڊ ڏانهن ڏٺو اندازو لڳايائين "اڃان ڪلاڪ لڳندو ڪوچ کي پهرين اسٽاپ تائين پهچڻ ۾ "

— ڪيس پيشاب ڪرڻ جي خواهش ٿيس ٿي، هنَ شعوري طور سوچن کي بدلايو.

— جي ڊاڪٽر صاحب .

— ٽائيم تي دوا وٺو ٿا؟

— جي ها،

— پوءِ شوگر ڇو وڌيل آهي؟

— .....

— ڊائيٽ جو خيال رکو ٿا؟

— جي ڊاڪٽر صاحب

— ڇا ٿا وٺو؟

— سائين چانه ڦڪي صبح شام...اٻاريل چانور سوڀہ ڪڏهن ڪڏهن...باقي پٽاٽا وڌيڪ وڻندا آهن.

— ٺيڪ آ...دوائون ساڳيون ئي رکان ٿو...پر ڊوز وڌايان ٿو.

— جي سائين

— واڪ ڪي ٿورو وڌايو

— جي ڊاڪٽرصاحب

— پرَ.... دوائون ڪراچي مان گهرايو ھتِ تہ ايتري گرمي آهي....جو ڪو بہ ميڊيڪل اسٽور وارو ٽيمپريچر مناسب ئي نہ ٿو رکي.



books.sindhsalamat.com

هنَ ڏٺو اڳيان سيٽ واري پاڻي جي بوتل منهن تي چاڙهي.ڪيس بہ اڄ جو احساس ٿيو پاڻي تہ هن بہ ڪنيو هو پرَ پيشاب اچڻ جي هڪَ خوف ڪيس پيئڻ کان روڪيو. دري کان ٻاهر ڏسڻ لڳو هنَ کي لڳو تہ ٻاهر گهٽي گرمي آهي پرَ ڪوچ جي اي سي ڪري فرق نہ پئي ڪري سگهيو. هنَ کي لڳو تہ ڏهن پنڌرهن منٽن ۾ اسٽاپ اچي ويندو.

ۓ

واش روم مان فريش ٿيو جڏهن تہ پيشاب جي اگري ۾ تيز ڏَپ ساهہ ئي منجهائي ڇڏيس چانه پيئڻ جي ضرورت محسوس ٿيس، چانه پي ڪوچ ۾ اچي ويٺو ماني جي خواهش نہ پئي ٿئيس ايئن ياد آيس سندس پٽ ڪراچي ڏانهن ويندي ڪوچ ۾ ضد ڪيو هو.

— بابا،

— جي پٽ.

— چپس وٺي ڏيو

— ها.....اچي چپس وارو.

— نہ هاڻي،

— هاڻي پٽ ڪٿان آڻيان .... گاڏي بيهي.

— ڪڏهن بيهندي؟

— اسٽاپ اچي.

— اسٽاپ ڪڏهن ايندو.

— جلدي ايندو.

— بابا.....گاڏي ڪيئن ٿي هلي؟

— چاچا ٿو هلائيس.

— ڪهڙو چاچا؟

— سامهون وارو

— چاچا کي چئو گاڏي بيهاري.



www.sindhsalamat.com

— ها....پٽَ استاپ اچي .

سوچيندي هنَ کي ننڊ جو جهٽڪو اچي ويو هو. پاهر ڏٺائين سجَ لهڻ ۾ اجا ٽائيم هو پرتان ٻڪرار متي تي بوچڻ رکي لٽ کي ٽيڪ ڏئي ويٺو هو اڄَ جو احساس ٿئيس ٿو پيشاب اچڻ جي ڊپ کان پاڻي نہ پيتائين....پرَ ڪجھ وقت کان پوءِ هڪ هڪ ڍڪ ڪري بوتل خالي ڪيائين تہ سڪون اچي ويس

ڪجھ ٽائيم کان پوءِ محسوس ڪرڻ لڳو تہ پيشاب مڙڻ شروع ٿي ويو آهي.....آهستي اهستي پيشاب ڪرڻ جي خواهش اپريس ٿي

ڪلينر کي سڏڻ لاءِ سوچي ٿو....سڏيانس.....نہ ٿوسڏيانس بيهاريندو الاءِ نہ. نيٺ اچڻ جو اشارو ڪريس ٿو

— ڏاڍو پيشاب لڳو آهي

ڪلينر ورندي ڏيڻ ڪانسواءِ ٽول باڪس تي وڃي ويهي ڊرائيور سان ڪچهري ڪري ٿو هِنَ کي لڳي ٿو ڊرائيور کي گاڏي بيهارڻ لاءِ چوندو هوندو پرَ گاڏي هلندي ٿي رهي پيشاب ڪرڻ جي شدت وڌندي ٿي وڃيس سوچي ٿو.....ڪوچ تي چڙهڻ کان اڳُ ئي ڪلينر يا ڊرائيور کي چئي ها.

ادا....مون کي هر هر پيشاب لڳندو آهي.....تڪليف مهل ٿورو وقت بيهاريندي

تہ مهرباني ٿيندي

هاڻ ڪڏهن پاهر ڪڏهن ڪوچ ۾ اندر ٿو ڏسي وقت گذارڻ لاءِ سوچي ٿو....اجا ڪلاڪ ڏيڍ کان پوءِ پهچندا سين....ڏيُ ڏاڍي ڏڪاري هوندي ڪيس ڪير سمجهائي

تہ....ڪير بہ ڪنهن جو نہ آهي....اِهي پُٽَ پائر ڪنهن جي ڪم ٽا اچن؟!



پيشاب ڪرڻ جي شدت اپريس ٿي پَر ڪيس ايئن بہ لڳو تہ هِنَ کي گيس جو وڪڙ بہ پيو ٿئي پَرَ اجان بہ فرق نٿو محسوس ڪري سگهي تہ گيس جو وڪڙ آهي يا پيشاب جي ڪري نهائين ۾ سور آهي

هاٽي روڊ تي گاڏين بريڪ لائيٽس,هيڊلائيٽس ٻارڻ شروع ڪيون آهن. هِنَ کي نهائين ۾ سور وڌي ٿو اجا بہ نٿو سمجهي سگهي تہ اهو پيشاب روڪڻ ڪري آهي يا گيس جي وڪڙڪري سوچي ٿو گيس خارج ڪيان....نہ ڪيان .....ايئن نہ ٿئي تہ گيس ڪيڏان ۽ گڏوگڏ پيشاب بہ وهي نہ وڃي.

# سوڙهي ڪنڌ جو دائرو

هن کي اڄ بہ خبر ئي نہ پئي تہ ڪهڙن رستن، ڪهڙن روڊن ۽ ڪٿان ڪٿان ٿي، پنهنجي بائيڪ تي اچي گهر پهتو. منائيءَ جو ڏيو زال کي ڏنائين، زال جي اکين ۾ هڪ اڻ لکي خوشي اچي وئي.

مان سمجهي ويس.

ها تون اڃان نہ سمجهيو آهي.

ڪيئن؟

اسان جو پروجيڪٽ پنجن سالن تائين اڃان هلندو....

واهہ واهہ.

۽......ٻي بہ خوشخبري آهي.

هن جي ٽي مهينا اڳ اهڙي ڪيفيت نہ هئي، ايئن آفيس کان گهر-گهر کان آفيس تائين ايندي ويندي بي خيالو سڌو اچي گهر جي در ۽ آفيس جي در تي پهچندو سوچن ئي سوچن ۾ ڪٿان هليو ڪٿان گذريو-!



books.sindhsalamat.com

ان ڏينهن جيئن ئي گهر ۾ داخل ٿيو تہ سندس سامهون سس ۽ سهري کي ويٺل ڏٺائين تہ سندن موجودگي اجائي ۽ بار محسوس ٿيس،هن تہ اڪيلو رهڻ پئي چاهيو هو زال سان ڪجهہ ڳالهائي، ڪجهہ وٺڻ لاءِ ٻاهر وڃڻ لڳو تہ ڪيس سهري چيو- ”ٻچا- اسان صرف توهان کي اهو ٻڌائڻ آيا آهيون تہ تنهنجي سالي جو مڱڻو آهي-“

هن کي گهر ۾ مزو ئي نہ پئي آيو، بهانو ڪري ٻاهر نڪري ويو. مختلف دوستن وٽان ٿيندو، وچي اورهيڊ برج مٿان بيٺو. هيٺان ايندڙ ويندڙ گاڏين کي ڏسڻ لڳو، هن کي ان عمل ڪافي مصروف رکيو.

رات جي ماني کان پوءِ هن جلدي سمهڻ چاهيو. جڏهن تہ هن جي روٽين ۾ ٽي وي تي خبرون ڏسڻ ضروري هونديون آهن ويٺي ويٺي ملڪي صورتحال تي تجزيو ڪندو بہ ٽي گاريون ليڊرن کي ڏيندو، ڪجهہ چينل ڦيرائي پوءِ ننڊ ڪندو.

پر- اڄ ٽي وي نہ ڏٺائين بتي بند ڪري سمهڻ لڳو تہ زال پڇيس-

خير تہ آهي؟

ها-

ايئن آهيو؟

ڪيئن آهيان؟

مونجها ٿا لڳو!

ها

ڇو؟

بس- روئڻ ٿو اچي

ڇو؟

اڄ ليب ۾ ويم تہ اتي استعمال ٿيل سرنج جي سئي آڱر ۾ گهري وئي-

پوءِ؟



www.sindhsalamat.com

بس خوف ٿو ٿئي ته.... ايئن نه ٿئي ته....

هن جو آواز ڳورو ٿي ويو. اکيون پرجي آيس. باٿ روم ۾ هليو ويو-

ننڊ نه اچڻ جي خوف کان به گوريون ڦکي ڇڏيائين نه پئي چاهيائين ته ايئن رات سڄي سوچيندي سوچيندي پوڳي.

ننڊ ۾ هن مسلسل خواب پئي ڏٺا- اڌورا ڏٺائين پئي سانجهي ويلي سوڙهين گهٽين ۾ آهي. ماڻهن ۾ افراتفري آهي. خبر ٿي پويس ته اُٺ چريو ٿي پيو آهي- ماڻهو گهرن ۾ لڪي در بند ٿا ڪري ڇڏين هن کي اُٺ نظر ته نه آيو پر هڪ خوف هو هڪ پراڻي در وارو ڪاڪوس نظر اچيس ٿو- هو تڪڙو ان ۾ داخل ٿو ٿئي ته اتي هڪ زخمي ڪتو وينو آهي هن ڏي ڏسي ڏند ڪڍي پونڪڻ جي ڪري ٿو ته اک کلي ويس خوف واري ڪيفيت جاڳ ۾ به هيس- ڪجهه ٽائيم هو جاڳڻ ٿو چاهي آهستي آهستي کيس ننڊ اچي ويس ته وري خواب ۾ ڏسي ٿو. ته امتحان هال ۾ وينو آهي. امتحان ٿو ڏئي. هن جي آڏو سوال نامو پيو آهي. هو جوابي ڪاپيءَ تي لکڻ ٿو چاهي لکي نه ٿو سگهي. اڻ تڻ ۾ آهي هو گهڻا پيرا ڪوشش ڪري ٿو پر نيٺ هو اڌ ست لکي ٿو وٺي ته حيران ٿي ٿو وڃي نيري مس واري پين. جوابي ڪاپيءَ تي ڳاڙها اکر پئي لکيا. جاڳي پيو بتي ٻاري پاڻيءَ جو گلاس پيتائين هن ڏٺو ته زال ننڊ ۾ هئي پر چهري تي ناگواري جو تاثر هيس جيڪو هن کي نه وڻيو.

جنهن مهل هن کي سئي چيي ته سور ۾ رت ته هن کي پريشان ڪيو. پر هن جلدي ۾ ٽشو پيپر ويڙهي زور ڏئي سڌو ڪائونسلر وٽ آيو- پر ڪائونسلر وٽ ان ڪدڙي جو ياءُ وينو هو جيڪو شهر جو انتهائي خوبصورت ۽ مشهور ڊانسر به هو- اسٽيج ڊرامن کان وٺي. شادين مرادين تي زنانا ڪپڙا پائي نچندو. جسم ته جسم پر هن جون اکيون به ڊانس ڪنديون هيون. ڳالهائينديون هيون جيڪو به کيس ڏسندو ته ڪا مهل



پاڻ کي وساري ويهندو جي پرسان گذري وڃي ته ڪنڌ پنهنجي ليکي مڙي ويندا-

ان کي هن پنهنجي آفيس ۾ نندڪارين ڏيندي سڏڪندي روئيندي چيو: - "صاحب ڪائڻ لاءِ ئي ڪونهي... هاڻ ته ڪو ڏسي ئي نه ٿو. الائي ڪيترن جي خوشين ۾ مان خوش رهيس نچيم ٽپيم - ۽ اڄ... اڄ ته ڪو نه ڏسي ٿو نه پڇي ٿو. الائي ڪهڙو ذليل ايبڊز ڏئي ويو-

اهو خوبصورت ڪدڙو صبا هاڻي سڄو ڪارو. وار ڪسي ويل ڏيرو جسم. گل ڪٽي ٽريفڪ سگنل وٽ ڪپائيندو ۽ سگنل گل ۽ صبا جي ڪري پنهنجي هڪ مخصوص سجاٽپ رکندو هو. ۽ پوءِ ساڳيو هنڌ تي صرف سگنل جو بتيون ٻرنديون اجهامنديون آهن گاڏيون بيهنديون ۽ هلنديون آهن.

ڪائونسلر ان ڪدڙي جي ياءُ کي راشن سان ڀريل ٿيلهو ڏنو هو اٿي هليو ويو ته. ڪائونسلر هن جي پڪڙيل آڱر ڏي ڏسي حيرانگي مان پڇيو- ڇا ٿيئي؟

يار پرڪ ٿي آ-

پوءِ-

پوءِ مري ويم-

ڪجهه نه آ يار... پريشان نه ٿي.

نه يار... پڪ سان ايبڊز ٿيندي-

جڏهن ٿئي نه؟... ڪجهه نه آهي-

پوءِ- به-!؟

ٽي مهينا انتظار ڪر... ڪجهه به نه نڪرينديئي- هاڻ ته خبر به نه پوندي ته پازيٽو آهي يا نيگيٽو آهي.

پازيٽو نڪري پئي ته پوءِ-؟

۽-

اهڙو ئي شڪ هن هڪ رات جو ان مهل ٿيو جڏهن هن چاهيو ته هو پنهنجي زال سان سنجوڳ ڪري. پر... پر هو مايوس ٿي ويو.

ڪا ڳالهه نه آ. ڪيس زال چيو.

....

ايئن ٿي ويندو آ...

....

اڳ به ايئن ٿيو آ.

ها ايئن ٿيندو آهي پر... پر لڳي ٿو ته هاڻ مون ۾ اها طاقت نه رهي آهي-

نه نه ايئن نه آهي.

ايئن آهي اڄ سڄو ڏينهن اهو ئي سوچيو ته اڄ ڪافي ڏينهن ٿي ويا آهن- ٿڪُ پيچندس... پر... پر خواهش هوندي به...

توهان هرويرو ان طرف ٿا سوچيو!

نه مان سوچيان نه ٿو.. ايئن ٿئي پيو-

سوچڻ لڳو- الائي ڇا ٿيندو. ٿيندو اهو ئي جيڪو نه ٿيڻ ڪپندو هو. پوءِ هر ذهن ته پنهنجي پنهنجي انداز سان ئي سوچيندو- هزارين ڳالهيون ٿيندديون ته... مان مختلف عورتن ڏي ويندو رهيو آهيان... ڇوڪرن سان اٿندو ويهندو رهيو آهيان- هو پاڻ کي معتبر ۽ مون کي ڪريل سمجهندا. مسئلو ته خاندان وارا ڪندا سوتن کي رڳو اسان جي ڪا ڳالهه هٿ اچي اهڙو پڙهو ڏيندا-

ايئن جيئن ملان يعقوب شهر ئي ڇڏي ويو. غريب ويچارو ملان وڃي پيو ڳرندو. ڪو علاج نه لڳس- هو ايبڊز جي ٽيسٽ لاءِ آيو ته ڪيس چيائون- زال مڙس ٻنهي جي گڏ ٽيسٽ ڪبي ۽ نتيجي ۾ ايبڊز سندس زال مان نڪتي-

ماڻهن ڳالهائڻ شروع ڪيو:



مائي نهيل هئي. پڪوڙي واري سان

نه ادا - ملان جي دوست سان ئي هئي.

ماڻهن توبهه توبهه ڪئي- ملان شهر ڇڏي الائي ڪاڏي گم ٿي ويو. ايئن نه ٿئي ته منهنجي زال کي به مون مان ئي لڳي. هاٽي مون کي ڪنڊوم استعمال ڪرڻ گهرجي... جيستائين خبر پوي... پر به ڪنڊوم ضروري آهي. ڪيس ياد آيو ته اها ڇوڪري جيڪا خودڪشيءَ جي ڪوشش ۾ بچي وئي. بيان ڏنو ته شاديءَ کي ڇهه مهينا ٿي ويا آهن پرمڙس ڪجهه نه ٿو ڪري. ۽ جڏهن مڙس کي ٽپاسيو ويو ته ان کي ايبڊز هئي- جنهن اڳتي هلي ڇوڪريءَ کي طلاق ڏئي پاڻ کي گولي هٽي ڇڏي-

هي ٻڏتر ۾ پئي رهيو- نتيجي ۾ هن جون دلچسپيون گهٽجنديون ويون. دوستن سان ملڻ ۽ گهمڻ ڇڏ ته رهيس ئي نه آفيس ۾ جڏهن "ٽي ٽائيم"ٽي ميٽنگ هال ۾ گڏ ٿيندا هئا اهو ٽائيم انهن جي عياشي جو سمجهيو ويندو هو. هڪ بسڪوٽ سان چانهه. آرامده ڪرسيون ان مهل هو پاڻ کي خوشنصيب سمجهڻ جو دوکو ڪائيندا هئا-

ڪليگ ڇوڪرين جي نفيس آوازن ۾ ٽهڪن مان مزو وٺڻ ته ڪڏهن ڪو جڏهن ڪا مختلف ۽ مزيدار ڳالهه ڪرڻ ڪري داد ملڻ جو انعام ٽي وقتي خوش ٿيڻ- اڪثر ڳالهيون صرف مهانگائي تي روئڻو- زالن جون گلائون- ماسترياڻين جو اسڪول ۾ نه پڙهائڻ جون شڪايتون- نقلي بسڪوٽن ٽافين ۽ نقلي بوتلن ملڻ تي رڙيون- ۽ ڪڏهن ڪنهن ماڻهوءَ جو چالاڪيءَ سان غريب مان امير ٿيڻ جون گلائون اڪثر ساڳيا موضوع هڪ بئي کي اوڏر ڏيڻ وٺڻ لاءِ سُس پُس هاڻ هن کي محسوس ٿيڻ لڳو ته آڱرين پيرن ۾ گوڏن جي جوڙن وٽان ڪيس هلڪو هلڪو سور ٿيڻ شروع ٿيو آهي. اٿڻ ويهڻ وقت گوڏن مان ٺڪاءُ نڪرڻ- گهٽي دير ڪرسيءَ تي نه ويهي سگهڻ ۽ مٿي کي هلڪا هلڪا چڪر. پيشاب گهٽا ۽ ننڊ گهٽجندي ٿي وڃيس- پاڻ اجان انهي حالت

مان گذري ئي پيو تہ سندس زال کي ابيڙ شروع ٿي ويس. هن کي پيءُ ٿيڻ تي خوشي ٿيڻ کپندي هئي پر ٻڇي ويو.

ٻڌ

جي

ابيڙ ڪڏهن کان شروع ٿيا اٿئي؟

گذريل هفتي کان دل ڪچي پئي ٿي

هان؟

ها-

پلا پريگننٽ ٿيڻ سان ڪيترن ڏينهن کان پوءِ شروع ٿيندا آهن؟

خبر نہ آهي-

پوءِ بہ؟

چوندا آهن چاليهن ڏينهن کان پوءِ

ابيڙ ٿيا معنيٰ تہ پڪ!

ها

ٽيسٽ ڪرايون؟

نہ

ڪيس خوف وٺي ويو تہ ايڊز واري مريض جي زال مان چمندڙ ٻار بہ تہ ورتل ٿي هوندو!!

پوءِ؟ ڇا ڪجي!

ٻار کي ڪيرائجي پر زال نہ مڃيندي... ڏسجي. پهرين منهنجي ٽيسٽ ٿي جي پازيٽو هوندي تہ پوءِ ايئن ئي ڪبو لڳي تہ نہ ٿو تہ ڪو نيگيٽو هوندي.

بہ مهينا اڳ ۾ اڄ جي پيٽ ۾ مون وٽ اها سگهہ ئي نہ آهي گهمندي ٽڪجي ٿو پوان. سهڪي ٿو پوان.... جي نيگيٽو ٿي تہ پوءِ؟... مان پنهنجي


books.sindhsalamat.com

زندگيءَ کي ئي بيو موڙ ڏيندس- گهمندس ڦرندس- ڪڏهن ڪٿي ڪڏهن ڪٿي پر جڏهن ايئن ٿئي تہ... اڄ فرزانہ چتائي ڏسي چيس:

مسٽر

جي-

خير تہ آهي نہ؟

ها چو...؟ ڇا ٿيو آهي!-

ڪافي ڏينهن کان ڏسان ٿي توهان اداس آهيو.

نہ... نہ-

خاموش جو رهندا آهيو؟

نہ-

ڪمزور بہ لڳو ٿا... اکين هيٺان ڪارا داغ اٿو... آرام صحيح ڪندا آهيو نہ...

هن جي دل چيو تہ رڙيون ڪري نہ... نہ... نہ.

پوءِ بہ؟

هن ڪيس وڏيڪ ڪو جواب نہ ڏنو آفيس مان نڪري بائيڪ تہ چڙهي سنسان روڊ تي شهر کان ٻاهر وڃي، سڏڪا پري رنو.

جڏهن تہ هن کي ڪائونسلر تي يقين هو تہ هو اهو سڀ ڪجهہ ڪنهن کي بہ نہ ٻڌائيندو- ايستائين جو هن مهل تائين آفيس ۾ ايندڙ مريضن جي هسٽريءَ جي ڪنهن کي بہ خبر نہ هوندي آهي. پر ڪجهہ ڏينهن کان محسوس ٿي ڪيائين تہ سڀ ڪيس عجيب نظرن سان ڏسندا ٿا. فرزانہ- ريحانہ- اسد شبير- ٻاهر فيلڊ ۾ ويندڙ جيڪي جڏهن تہ اهو آفيس ۾ ويهندا بہ گهٽ آهن. هن کي لڳو تہ- تي ٽائيم تي هڪ ٻئي سان چتو ڳالهائڻ کان وڌيڪ اشارن ۾ سُسُ پُس پئي هلي، هاڻ هن کي اهو ٽائيم ڏکيو محسوس ٿيڻ لڳو-


www.sindhsalamat.com

اڄ آفيس دير سان پهتو ڏٺائين ماحول ئي مختلف هو- سڄو اسٽاف جي منهن تي مرڪ- ٽهڪ وڏي آواز ۾ ڳالهائڻ سڀ ميٽنگ هال ڏي پئي ويا- پٽيوالا ٽيبل تي پليٽن ۾ پڪوڙا، پيٽيز ۽ مٺائي سجائي رهيا آهن، وچ تي هڪ وڏو ڪيڪ رکيل آ-

وائڙو ٿي هن مينجر کان پڇيو”ڇا آهي؟“

خبر نه اٿئي؟

نه-!

مينجر سيني ڏي منهن ڪري چيو: هن کي اڃان تائين خبر نه آهي.

ڪيس ڏسندس چيائين پروجيڪٽ اڃان پنج سال هلندو-

ڪيئن؟

يار سال اڳي ٽي وي تي نيوز نه هلي هئي ته ايڊز واري پيشنٽ جي ڊائلاسس واري مشين ٻين تي به هلي... ته پوءِ-

پوءِ-

پوءِ ائين ٻن مان ٽي ٽن مان چار ۽ چئن مان چار سؤ...

سمجهين ٿو نه-

ها-

ها- پازيٽو جو تعداد وڌي ويو آهي.

هن کي ڪرسي تي ويهاريائين- ڪيس لڳو ته انهن سيني مريضن سان گڏ هن جو به نالو هوندو- اندر ڏک ۾ ٻرجي ويس روئڻ چاهيان پئي ويٺلن کي ڏٺائين ته هن کي انهن جا چهرا پوائتا لڳا-

حميد هن کي بالو شاهي ڪٽي ڏنو هن نه چاهيندي به وائڙن وانگر بالو شاهي ورتو-

پويان ڪائونسلر هن جي ڪلهن تي هٿ رکي ڪيس هٿ ۾ لفافو ڏيندي آهستي چيو: ”رپورٽ نيگيٽو اٿئي“-



هن اٿي بالو شاهي ڪائونسلر کي کارايو ۽ باقي بچيل پنهنجي وات ۾ وڌائين-

هي وائڙو هو ڪجهه به سمجهه ۾ نه پئي آيس. روئڻ ۽ کلڻ جي وچ واري گڏيل ڪيفيت مان نڪتو ۽ هن پنهنجو چهرو ٻڪ ۾ لڪائي روئڻ شروع ڪيو.



www.sindhsalamat.com
books.sindhsalamat.com

# سچ

چهري تي رڳو هڪ اک ئي هئي جا ڪيس چٽي نظر آئي. هن گهٽي ڪوشش ڪئي پر سندس زال جو چهرو چٽو ٿي نہ سگهيو- هن ڪنگهي بس ڪئي، ڪانگهارو نڙي کان اڪري چپن تائين آيس پر هن ۾ طاقت ئي نہ هئي تہ هو ٿوڪاري سگهي-

ڪو دور هو جو تر ۾ رڳو رمضان جي ئي واه واه هئي، مڙس ماڻهو هيو. ڪوڏي ڪوڏي هجي ملهه هجي پنهنجي تر ۾ اهڙو پهلوان هو ئي ڪونہ، مچن جي ساول آيس تہ ملڪ تپائي ڏنائين رڙ ڪري چوندو هو- ”تنهنجو مهمان ٿيندس“ - ۽ مهمان اهڙو جهڙو ٻڌائي پٽاريون ۽ ڏاندن جا جوڙا ڪيڏي وڃي-

پنهنجو ڳوٺ تہ ڇڏيو پر جتان بہ لنگهي تہ مايون لوڙهن مان ليئا پايون ڏسنس نينهن جا نياپا تہ الاهي آيس پر اکيون زليخان ۾ اڙجي ويس- جڏهن هن زليخان کي تہ ڏٺو ننڍپڻ کان ئي هئائين پر اندر ۾ تڏهن


books.sindhsalamat.com

لهي ويس- جڏهن اڪري ۾ مهري پئي هنيائين پي عورت سان گڏ. هن رئو ڻاهي اک جو ڪنياڻين تہ اها اک رمضو جي اندر ۾ لهي وئي ديد تہ نہ هئي تير هو جنهن اندر زخمي ڪري ڇڏيس.ڏک ٿريو تڏهن جڏهن تت ٻڌي. ڳاني ٻڌڻ مهل مامهنس لونگن وارو ڳانو ڪٽي پئي آيو تہ سنگت مان ڪنهن رڙ ڪئي-

”پير ۾ ٻڌجانس“

هوڪرا ٿي ويا

مامهنس ويٺي ۾ ڳانو ٻڌندي چيو ابا ڏسو ڪيئن هٿ وڏائي ڏنائين طوهر مهل جڏهن پيڏي ۾ ڳانو پيا ٻڌنس تہ پرئين مڙس کي لت وهائي ڪڍي هئائين-

تاڙا لڳي ويا ٺهڪ هئا، رمضو ڀهريون پيرو ڪنڌ جهڪائي ڇڏيو-

زليخان کي خبر هئي تہ ”رمضو ڏنگو آ“ پر رمضو جي اکين ۾ حياءُ هو ڪڏهن بہ تر نہ ڪاڏائين، ٻر جا پاسا ورتا هئائين. پاڙي اوڙي جو لحاظ هيس-

باقي شوق مڙسن وارا، ميلا ملاکڙا ڳويون بوسڪي جا پٽڪا بسريون باداميون مکڻ ماکيون وڃي تہ ڪوهن جا ڪوهہ ٻوڙي اچي-

زليخان رمضو ٻئي ايئن جيئن هڪ ڪير تہ ٻيو ڪنڌ ٻئي ڪنڌ ۽ ڪير جيئن رليا مليا رهيا-

زليخان کي ياد آ، الائي ڪهڙي ڏئونس ۾ هو-

”ماني ڏي“ رمضو رڙ ڪئي- ”زلي بک لڳي جلدي ڪر“-

ها..... ڏيان ٿي؟

زلي... بک ٿو مران-

بس- مٺا اجهو ڏيان ٿي... ٿورو اجان ٻوڙ رجهي-

زلي... پيٽ جي... بک لڳي آ-

ها...


www.sindhsalamat.com

ٻڌ-

جي-

ياد ٿي پڳڙو ڏنو هو مانءِ-

زليخان کي ياد آيو تہ رمضو هڪ دفعو ڏينهن تتي جو هن کي پڳڙو ڏنو هو-

آ... هي وٺ-

ڇا آهي-؟

پڳڙو آ- سنڀالي رکجانءِ-

ڇو؟

قيمتي اٿئي.... وٺندوسانءِ-

ها-

اهو... پڳڙو ڏي کاوان بک لڳي آ-

اهو تہ ڪونهي-

”تنهنجي تہ...“

رمضو لٺ ڪٽي زليخان کي هٿين جا اک ۾ لڳس، اک ئي ڦسي پيس رڳو رت ئي رت هئي-

ءِ-

هاڻ جڏهن هن رمضو کي پٽي ڏنو رمضو بيستو پيو هو-

هن کي ياد آيو-

ڪيئن هڪ سياري جي ٺڙڪندڙ رات جو ڪيس گهري ننڊ مان اٿاريو-

زلي،

جي.

زلي،

جي.


books.sindhsalamat.com

اٺ،

ها.

اٺ، ها- ڇا؟

اٺ- پيٽ جي... اٺ

ڇا آهي؟

آ- مٺائي کاءُ-

هن ڏنو ڪيس ڍبي مان برفي ڪڍي هن جي وات ۾ وڌائين-

خير تہ آهي!

ها خير آ مٺائي کاءُ-

ڇا جي-؟

مالڪ مهر ڪئي-

ڇا ٿيو-؟

اسٽيشن ڏانهن وهڙي جي تاڙ هئي لوڙهو ٽپيس تہ فائر ٿيو قدرت نئين حياتي ڏني آ- هن ڏنو ڇرا هن جي ڪل کي ڇهي ويا. ڪلهي وٽان قميص رت هاڻي هئي-

کاءُ وات منو ڪر-

جڏهن بہ رمضو اڪيلو گهر مان نڪرندو هو تہ زليخان چوندي”جيڏانهن پير تيڏانهن خير “ ءِ جي پڪڙجي بہ تہ ڇتي ويندو- چو تہ هو ڪڏهن بہ بي اصولو نہ رهيو ”سائين“ جو مان رکيائين مار جو ڪچو نہ هو. بڪيو ڪڏهن بہ نہ رڳوان ڪري بہ تہ نياٽين سياٽين کي نہ رنجايائين-

پر-

هڪ ٺهيريءَ جو هن سنگت جي صلاح سان ڌاڙو هنيون. جنهن گهر تي قبضو ڪيائين. ان گهر ۾ هڪ عورت هن تي ڇڻ جادو ڪري ڇڏيو


www.sindhsalamat.com

آهستي آهستي هن کي هٿ کان وٺي پاسو ڏئي ٻهه واري ڪوٺي ۾ ويو. هن ته يا عمر زنا نه ڪئي هئي پر اڄ هن کي لڳو ته هي لعنتي ماڻهو آهي.

نياڳ ڪٽي نڪتو. هڪ چوري ۾ زري گهٽ جهلجي پيو- ياڳي کي ڪهاڙي هنيائين هٿ ڪپي وڌائينس گهر ته آيو پر ڪيس الڪو هوس ته ڀڏبس.

هي پير لڪائڻ ۾ استاد سڏبو الائي ڪيترين ترڪون چالاڪيون هئس، مجال جو پيروڏي پيرو ڳولهي ايئن گم ٿي وڃي جڻ آسمان ڏانهن کڄي ويو ڌرتي تي ڪو نانءُ نشان ئي نه-

هن زليخان کي ڀڏايو ته ڪم سٺو نه ٿيو آ.

پوءِ-

هن يارن جون امانتون پنهنجي ميڙي چونڊي پيسا سون چاندي ڪٽي ڳوٺ کان ٻاهر ميدان تي ڪجي جي وڻ کان پنج وکون پرتي اتر طرف وڏي کڏ کوٽي پوري، اطمنان سان گهر ۾ اچي ستو.

ٻي رات جو ئي ڀڏجي ويو- ڪيس هليو ڏهه سال سزا آيس چئي "سزا هن ڪيس ۾ نه آئي آهي پر ان نياڻي جي پٽ لڳي آ ۽ مان هاڻي سئون نه ٿيندس"-

ڏهه سال ته گذري ويس.

پر-

زليخان ته ڏهه سال ڪيئن گذاريا هر سال ته چڪي آئي هيس ٻار ئي نه ٻيٺو هئس-

۽ جڏهن زالاٽا سڙي ويس ته دائي رمضو کي ڀڏايو هو ٻار آهي... ٻيٺو آ، پر سڪي ويو آ جڏهن سائو ٿئي.

ڏهه ئي سال هن رڳو پنهنجي ٻار سان ڪچهري ڪئي.

ٻاهر اڄ...

ٻاهر اڄ...



books.sindhsalamat.com

ٻاهر اڄ مان توکي ڪيڏايان مکڻ ماکي... ڪير پياريان-

ٻاهر ته هن جو پٽ نه آيو، آيو ته رمضو آيو. ۽ هو سنئون نه هو، سگهو نه هو. ڏهن سالن ۾ جيل هن کي کائي ويو ٻاهر نڪتو سڄي دنيا بدليل هئي، زليخان ختم ٿيل ڪمزور. ڳوٺ، اهو ڳوٺ نه هو، هو جهريل گهر ۾ آيو. پر سندس ڳوٺ ۾ روشني هئي بجلي هئي روڊ هئا رستا هئا، هوٽلون هيون گانا هئا-

وچين ويڪري روڊ تي ڪارن موٽرن جيپن ۽ ٽرڪن جي اچ وڃ رنگ برنگي روشنيون سڀ ڪجهه بدليل هئو-

۽-

پوءِ هو هڪ رات ڪوڏر کٽي ٻاهر نڪتو ٻاهر نه اهو ميدان هو نه اهو ڪجيءَ جو وڻ نه ئي اها پونجي هئي، نه اها سنگت چرڪجي ويو، رڳو ساڻ هيس ته زليخان-

بس ڪٿ تي ئي پيو رهيو ڪنگهي ڪنگهي ٻيٺو ٿي پئي ويو ڪانگهارو نڙي ئي نه پئي ٿپيس ڪجهه نه رهيو هئس- نه دوست نه ساٿي نه اها سگهه هن کي دل ئي دل ۾ زليخان لاءِ انتهائي پيار پيدا ٿيو. چاهيان زليخان کي ڏسي اکيون چنجهيون ڪري نظر هڪ هنڌ گڏ ڪري سندس چهري کي ڏسڻ جي ڪيائين پر ڏک پڳڙو ٿي سندس ساهه جي سوڙهي نليءَ ۾ ڦاسي پيو ڪجهه به چٽو نظر نه پئي آيس، صرف ڏنڌلي اک هئي جتان نار پئي اڙهو-



www.sindhsalamat.com

# بونساءِ

چوٿين جي چنڊ ۽ ستارن جي روشني، گئلري جي در مان ٽپي ڪمري کي هلڪو روشن ڪري ڇڏيو. هن آئيني آڏو ويهي، پنهنجي چهري کي غور سان ڏسڻ جي ڪوشش ڪئي پر ڏنڊلو___

اڄ سڄو ڏينهن هن جي اها ئي ڪرت هئي___ هر هر آئيني آڏو ٿي آيو. هن جي پٺيان ٽيبل تي رکيل بونساءِ___ در جي ويجهو هجڻ ڪري ڇٽو هو. هن آئيني ۾ ڏٺو وڏو وڻ ننڍي ڪونڊيءَ ۾ قيد ٿيل. ننڍڙو!! ننڍڙو وڻ___ ننڍي قد سان لڳي ڇٽوڏو وڻ. سوچي ٿو___ اڳ ماڻهن جا قيد خانا، پکين جا پڃرا ۽ هاڻ وڻ کي به ڪٽي سٽي ننڍو ڪري قيد ڪيو ٿو وڃي، قيد ڪيو ٿو وڃي، قيد ڪيو ٿو وڃي....

هي به پاڻ کي ڪمري ۾ قيد سمجهي ٿو:- روزينه روزينه روزينه... روزي روزي روزي اڄ نه روزي.... روزي اڄ اڄ اڄ اڄ اڄ اڄ نه....

منهنجي زندگيءَ جو ڪارج؟؟؟___ ڪارج؟! ڪارج؟ ڪجهه نه ڪجهه نه ڪجهه نه ڪجهه آهي... ڪجهه آهي... ڪجهه آهي...



خدا آهي... خدا آهي... خدا هجي... خدا هجي... خدا هجي.... خدا هجي.....

هاڻ جڏهن به ڳالهائيندو، پر ان جملي سان هي پيو جملو هن جي ذهن ۾ گڏوگڏ هلندو ٿو هلي.

”نه ٻار ستن مهينن جو نه آ....ٻار ته پڪو آ.... ٻار پڪو آ، ٻار پڪو آ.. ٻار پڪو آ....“

پر ڪيئن؟ پر ڪيئن پر ڪيئن منهنجي شادي کي ته ست مهينا ۽ ٻار، نون مهينن جو؟؟ نون مهينن جو نون مهينن جو نون نون نون ڪيئن ڄائو؟ ڪيئن ڄائو ڪيئن ڄائو؟ ڪنهن مان ڪنهن مان ڪنهن مان ٻار پڪو آ....

ذهن جي ولوڙ هن جي زندگي زهر ڪري ڇڏي! وايون بتال. هن کي ماڻهن جا چهرا، مرڪون، ٽوڪون ٽي لڳيون شڪ ڦري گهري اچي پنهنجي ٻاس تي ٽي ڪيائين_

روزي روزي مان صحرا ۾ ويٺو آهيان... مان صحرا ۾ ويٺو آهيان مان صحرا ۾ ويٺو آهيان مان صحرا آهيان مان صحرا آهيان صحرا_

هو آئيني کان هٽي گئلري ۾ ويهي ٿو. سوچي ٿو، رات_ ڪڏهن ختم ٿيندي، ڪڏهن ختم ٿيندي. ڪڏهن ڪڏهن ڪڏهن...

هن ڏٺو آسمان ۾ چمڪندڙ ستارن جي وچ مان جهاز ٻتيون ٻاري اجهامي، اجهامي ٻاري، بنا آواز جي گذري رهيو هو. هي ڪجهه وقت ان کي ڏسڻ ۾ محو ٿي ويو. هن سوچيو ان جهاز ۾، ويٺلن کي ڪهڙي خبر ته ڪو اڪيلو ماڻهو، اڪيلو ماڻهو اڪيلو ئي اڪيلو ڪين ڏسي ٿو_ اڪيلائپ؟ عذاب آهي عذاب آهي عذاب عذاب....

پر دوست جيڪي روز هڪ هوٽل تي ملن سي هاڻ هن کي لڳن ٿا_ دوست نه ڄڻ آواز هجن،



www.sindhsalamat.com
books.sindhsalamat.com

سانورو آواز_

عينڪ وارو آواز_

ڳورو آواز_

سنهون آواز_

ڊينڊڙو آواز_

عينڪ پاتل آواز_ جيڪو ڪچهريءَ ۾ لينن جي اپريل مقالي ڪان گلاسنوسٽ تائين بنا ساهي جي، روز ساڳي ڪامائن_ فل اسٽاپ.

ساڳي وقفي ۽ لهجي سان ورهين ڪان ايئن ئي ساڳيو ڳالاهيندو رهندو. "اصل انقلاب طبقن جو هوندو آهي مزدور طبقي ۽ سرمائيدار جي وچ ۾."

هن اتي اعتراض ڪيو هو ته "انقلاب رڳو مٿين طبقي ۾ ئي ايندو آهي_ مزدور ته مزدور ئي ٿي مرندو_"

ڊينڊڙي آواز_ هن جي راءِ تي ٺهڪ ڏنا هئا_ ها_ هاها_ها. جڏهن تڏهن ڊينڊڙو آوازشيطاني ئي ڪندو آيو آهي. شيطاني ئي ڪندو رهندو آهي_ شيطاني ئي ڪندو رهندو آهي_ شيطاني ئي ڪندو آيو آهي ڪندو آيو آهي ڪندو آيو ڪندو آيو ڪندو آيو...

هن هاڻ ايئن ئي سوچيو: "انقلاب جتان شروع ٿيندو آهي، اتي پهچي ئي ختم ٿي ويندو آهي_" اتي پهچي ئي ختم ٿي ويندو آهي ختم ٿي ويندو آهي ختم ٿي ويندو آهي.

هو گئلري مان اندر اچي بيڊ تي آهليو بيڊ ته آهلڻ سان اک لڳي ويس. ڏنائين ته ڪو ماڻهو آهي جيڪو ٽوٿ پڪس سان ڏند ٿو ڪوٽي_ ته ڏندن مان رت وهي ٿو نڪريس_ رت آهستي آهستي وڌندو ٿو رهي_ رت وڏي هڪ رستو ٺاهيندو روڊن تي پکڙجڻ ٿو لڳي ته چرڪ ڀري اٿي ويٺو نه نه نه ڪجهه به نه، ڪجهه نه ڪجهه به نه....



books.sindhsalamat.com

هن کي پنهنجي پاڙيجي جا جملا ياد آيا_ جيڪي هن جي پاڙيجي اڌ رات جو اٿي هن کي چيا هئا_ "وڏن جا خواب پڳل هوندا آهن_ ۽،

ننڍين ٻارن جا خواب بند هوندا آهن... توهان ٽٽل خوابن مان جڏهن ڪرندا آهيو ته مان توهان کي پنهنجي خوابن ۾ بند ڪندو آهيان."

بند خواب بند خواب ٽٽل خواب عذاب آهن پوائٽا خواب پوائٽا پوائٽا پوائٽا.... جي انهن خوابن ۾ مان بند ٿي وڃان ته پوءِ ته پوءِ ته پوءِ ڪيئن نڪربو ڪيئن نڪربو ڪيئن نڪربو....

هن کي لڳندو آهي ته ڄڻ هن سڄي زندگي ڪجهه حاصل ئي نه ڪيو آهي.. ايئن نه هو ته هن کي زندگيءَ ۾ ڪجهه حاصل ڪرڻ لاءِ گهربل سگهه نه هئي سڀ ڪجهه هئس پر هي اهو سڀ ڪجهه حاصل ڪري نه سگهيو، يا حاصل ٿي نه سگهيس... پر هن سڄي عمر جي سگهه ڀين جي مدد ڪرڻ ۾ گذاري. ان ۾ ئي هن جي خوشي هئي، ڀين جي خوشي، هن جي خوشي ڀين جو ڏک هن جو ڏک پر... هن پنهنجي خوشيءَ ۽ ڏک تي ڪڏهن سنجيدگيءَ سان ويچاريو ئي نه... هاڻ جڏهن ڏسي ٿو_ ته "ڪجهه به نه آهي."

زندگي ته هن سان Sea Saw ڪيڏي.

هن ايئن ڏٺو سدائين ڏک/سک_ سک/ڏک_ پر اڪثر ڪري زندگي ۾ ڏکن هن کي هوا ۾ ئي لٽڪائي رکيو_

هي ليٽيوئي رهيو_ باٿ روم جي ٽانڪي مان بالٽي ۾ ڦڙو ڦڙو ٿي ڪرندڙ پاڻيءَ جو آواز_ ٽپ ٽپ ٽپ_

ٽپ_

ٽپ_

ٽپ_



www.sindhsalamat.com

ٽپ ٽپ جو آواز_ هن جي دماغ ۾ ڪرڻ لڳو/ڦرڻ لڳو هن کي اهو آواز اذيت ڏيڻ لڳو_

ٽارچر سيل ۾ بہ ايٽري ئي اذيت هوندي... ٽارچر سيل ۾ بہ ايٽري ئي اذيت... ٽارچر سيل ۾ ايٽري ئي ايٽري ايٽري... هن کي محسوس ٿيو دماغ ٽڪاءُ سان ڦاٽي نہ پئي_ ڪنڌ کي ڏوٽيائين ياد آيس پارڪ ۾ سيمينٽ جي بينچ تي چيڙهہ پيل وڏن وارن وارو همراهہ ڪنڌ پئي ڏوٽيو_

فقير ڇا ٿيو اٿئي؟_

فقير خير تہ آهي؟_

ڪجهہ بہ نہ... ڪجهہ بہ نہ، منهنجو مٿو گم ٿي ويو آهي... پيرن سان ڳولهيان پيو_

هن بہ هاڻ ڪنڌ کي ڏوٽيو، منهنجو مٿو گم ٿي ويو آهي.. منهنجو مٿو گم ٿي ويو آهي... منهنجو مٿو مٿو مٿو... گم گم گم گم....

هو پيرن کي اڳتي پوئتي... کاٻي ساڄي ڦيرڻ لڳو...

روزي روزي روزي او روزي مان توکي ڳولهيان ٿو ڳولهيان ٿو توکي ڳولهيان ٿو....

هي ۽ روزينہ، ٻئي سدائين هڪ ٻئي سان چڙيل رهيا. ڪڏهن هن کي لڳندو هو تہ روزينہ هن کي تباهہ ڪرڻ لاءِ ئي ملي آ، يا هو روزينہ کي برباد ڪرڻ لاءِ مليو آ. يا ٻئي هڪ ٻئي کي برباد پيا ڪن.

هن_ هاڻ بہ ايئن ئي سوچيو تہ ”ماڻهو سڄي عمر جيئرو ئي رڳو ئي انتقام لاءِ هوندو آهہ_ جيئرو رڳو انتقام لاءِ هوندو آهي جيئرو رڳو انتقام. مون کان ڪهڙو انتقام ورتو ٿو وڃي ڪهڙو انتقام ڪهڙو انتقام... ڪهڙو انتقام...

هن کي باس ڳالهين ئي ڳالهين ۾ چيو هو_ ”هٿيار اهو سٺو جيڪو هٿ ۾ هجي، ۽ عورت اها سچي جيڪا ڪڇ ۾ هجي.“



books.sindhsalamat.com

هن پنهنجي زال کي آخري پيرو ڪچن ۾ ڪم ڪندي ڏٺو. آفيس لاءِ تيار ٿي جورابا ڳولهيائين ڪونہ مليس، تہ ميرا جورابا پائي بنا نيرن ڪرڻ جي آفيس لاءِ نڪري آيو. موٽيو تہ، گهر خالي هو. چٺي پئي هئس ”مان پنهنجي گهر ٿي وڃان.“

گهر_ گهر... گهر... گهر... پنهنجو گهر... پنهنجو گهر... پنهنجو پنهنجو پنهنجو پنهنجو روزي روزي روزي هي گهر هي گهر هي گهر... مان بہ هي گهر ڇڏي وڃان_ ڇڏي وڃان ڇڏي وڃان وڃان وڃان وڃان... موڪل موڪل موڪل وٺي... نڪران مان، ٿڪجي پيو آهيان ٿڪجي پيو آهيان... ٿڪجي...

هو ڪجهہ وقت ساٽو ساٽو پيو رهيو... هن ايئن سوچيو تہ موڪل وٺي_ ڪيڏانهن هليو وڃي_ هن باس کي درخواست لکڻ جو سوچيو:

جناب اعليٰ_!!

جناب اعليٰ_ جناب اعليٰ_ جناب.... جناب اعليٰ... هن جي آواز گهٽجڻ لڳو مٿو ڦرڻ لڳس. هن کي لڳو تہ هن جو مٿو گم ٿي ويو آهي هو پيرن کي، هيڏي هوڏي ڦيرڻ لڳو.

هن پرسان پيل بونساءَ کي ڏٺو منجهي پيو. تہ هن جو قد. بونساءِ کان وڏو آهي يا ننڍو آهي. وڏو آهي يا ننڍو آهي_ ننڍو آهي_ وڏو آهي_ وڏو آهي_ وڏو آهي_ ننڍو آهي.. ننڍو وڏو_ وڏو ننڍو.....



www.sindhsalamat.com

# معافي

معافي ـ معافي سائين معافي

پري ڪان تمام پري ڪان چتو اڻ چتو اهو آواز ڪڏهن ڪڏهن حسن بانو اچ بہ ٻڌندي آهي ـ

جڏهن تہ حسن بانو جو حسن اهو رهيو ئي نہ آهي ـ

ڏنو تہ اڳ بہ هئائينس، پر ان صبح ۾ ڪهڙو ڪامڻ هو جو منڊجي ويو.

جڏهن حسن بانو نيرو سان ٻڌل چاڏي ۾ مکڻ پئي ولوڙيو. هڪ بانهن اڳتي هڪ بانهن پٺتي جڻ جهمر پئي پائيندي هجي ـ سندس رئو ترڪي ڪلهن تي ڪريو ناز منجهان ٻن آڱرين سان پوتي کي پڪڙيائين تہ نظر لوڙهي پريان حاڪم علي تي پيس اکيون اکين سان چا مليون ـ حاڪم علي تہ پنهنجو من، روح، حسن بانو وٽ ڇڏي آيو ـ ڳوٺ ۾ گهٽين ۾ ـ اڪيلو ڪا سرت ڪانہ واڙو جڻ بوتو پيو گهمي. محبوب جي لوڙهي،



محبوب جي پهرُن سان بہ پيار ڪيائين. نيٺ هٽي وجي هنڌ ڪيائين محبوب ماٽيائين وينا لوڪان لڪي رائين.

ـ حسن بانو

ـ جي

ـ الا تون ظالم آن،

ـ ڪيئن؟

ـ ايڏي سهٽي چو آن؟

ـ توکي تي لڳان،

ـ سچ تہ ڏاڍي سهٽي آن،

ـ بس هاٽي،

ـ ڏس ماٺو تي ڪرين تہ اجان تي مارين.

ـ چيومانءِ بس هاٽي

ـ ٻڌ

ـ جي چوانءِ

ـ دل تي چئي

ـ چا تي چوي؟

ـ تنهنجو نڪ سجو وات ۾ وجهي چڏيان ڏاڍو تووٽي.

ـ .........

ـ جواب نہ ڏنئي؟

ـ ....

ـ دل ۾ ڪيئيءُ نہ !؟

ـ .....

ـ سچ ٻڌاءِ؟

ـ نہ

ـ رکو تي ڳالهائين؟



books.sindhsalamat.com
www.sindhsalamat.com

- چيم ته نه.

- حسن بانو- معافي،

- حسنا

- جي

- اُس ۾ نه نڪرندي ڪر،

- ڇو؟

- ڳري نه وڃي،

- نه سمجهيم؟

- ڇوري مکڻ جي ٺهيل آن.

- اهو وري ڪيئن!

- ڳڻتن ۾ آڱر ٿو هڻان ته اندر ٿي هلي وڃي.

- ڇڏ هاڻي،

- الله سنهن - ڇاتي، پيٽ، ستر - ايڏا نرم جيڏو مکڻ.

- ڳالهيون ٺاهڻ ته ڪو توکان سکي،

- ٻڌ،

- جي،

- هڪ ڳالهه چوان.

- چئو.

- اڄ کان پوءِ

- ڇپ ڇو ٿي وئين.

- دل ۾ ته نه ڪندين نه.

- نه.

- اڄ کان پوءِ ٻيڙيون نه پيئجان.



- نه پيئندس.

- واعدو.

- هي ڪَپو هٿ ڏاڙهي تي - بس.

- مان توکي تنگ ٿي ڪيان ڀلي ٻيڙي ڇڪ حاڪم علي معافي ڏي

- حسن بانو اڙي محبوب مون کان معافي نه وٺندي ڪر

ميل ملاقاتون هاڻ ته ٻئي هئا ئي هڪ ٻئي لاءِ - حاڪم علي وردي ڇا پاتي حسن بانو جو پير پٽ تي ئي نه پوي ڄڻ ملڪ جي والي هجي. ڪڏهن لوڙهي ڀڃيان - ڪڏهن چوري ٻئي ڀلي پٽڻ مهل - ڪڏهن ڪٿي ته ڪڏهن ڪٿي واعدا، نيهن نڀائڻ جا.

- حسنا.

- جي،

- ڏس سڄو آسمان تارا آهن.

- ها.

- ڪڻ ڪڻ ڄڻ موتي.

- ها.

- وس پڄي ته هار ٺاهي پارايانءِ

- .....

- آسمان وڻئي ٿو.

- ها ڏاڍو ٿو وڻين - آسمان ته روز هوندو آ اڄ تون آن نه گڏ،

- مان به وڻندو آهيان ءِ.

- نه.



www.sindhsalamat.com
books.sindhsalamat.com

- ڇو؟

- منهنجي مرضي.

- اهڙو ڇڪ پائيندوسان ڳچي ۾،

- هون.

- ڇو؟

- ظالم آن ڇا!

- ظالم ته تون آن.

- ڪڏهن ڪڏهن ته انجام نه ٿي پاڙين.

- معافي حاڪم علي.

- ڇيو اٿمان تون معافي نه وٺندي ڪر.

- حاڪم علي.

- جي.

- ماٺهو شڪ ٿا ڪن.

- پلي ڪن.

- هاڻ ٻه ڪمند ۾ اچان پئي ته ڊڄ پئي ٿيو ڪو ڏسي نه وٺي.

- ڪنهن ڏٺو ٻه ته ڇاهي.

- مونکي پئو ٿو ٿئي.

- ڪنهن کان؟

- سوٽ سليمان کان.

- ڇو؟

- لڳي ٿو ڪڙڪ پئجي وئي اٿس.

- پوءِ!

- گڏ ڏٺائين ته ٻنهي کي ماريندو.





- ماريندو جو بس پئي آ.

- سچي ڊڄان ٿي.

- اڙي... چپ ڪر ڇئين ته منڍي لٽي نه ڏيان ته حيف آ.

- ايئن نه ڇئو.

- ڇو نه چوان.

- ......

- هان؟؟

- ....

- ڳالهاء نه ڏک ٿو ٿئي.

- ها.

- ڇو؟

- پنهنجو آ نه.

- ڪاوڙ نه ڪر....

- هاٺي ڏس - معافي حسنا معافي.

ٻاٻور ته سيني کي ئي هئي پر نيٺ محب مليا حسن بانو هيا ته ذات وارا پر پاڻ ۾ مٺ نه هئا سڱ وٺڻ ۾ ڏکيائون ته آيون ڇئن ڇڱن جي چوڻ تي نيٺ ”ها “ ٿي بهاريون ٿي ويون پلا ڪنواريتن کي ٻيو ڇا کپي سهڻو سيبتو نوڪري وارو گهوٺ. حاڪم علي ڪپڙن ۾ ئي نه پيو ماپي وٽي پنهنجي سر کلندو ڳائيندو.

شادي جو ڪاڄ ٻه ڏاڍو پلو ٿيو ڇيڄ پيا - جيڏن ڇرچا ڪيس کلن جا کوکرا، هوڪرا، راڳ رنگ.

- حسنا او حسن بانو اکيون تہ کول، کول... ڏس مون ڏي.

- .....

- ايئن خوش آن.

- ها.

- اڄ تہ ڳالهين ئي نہ ٿي،

- ....

- هون.

- جي.

- منو کير پي.

- ٻڌ،

- جي.

- هاڻ تون منهنجي ملڪيت آن،

- ها.

- ڪنهن جي مِلڪ آن،

- تنهنجي.

- سچ ٻڌايائين.... مان هاڻي حاڪم نہ پر تنهنجو نوڪر آهيان،

- نہ نہ ايئن نہ چئو

- پوءِ ڇا چوان؟

- ايئن نہ مان تنهنجي ٻانهي آهيان.

چنڊ اپري لٿا،

- حسنا.

- جي.

- مان ڏسان ٿو تہ ڪافي وقت کان تون گم سم آن.



- نہ،

- ڪجھ تہ آهي؟

- ڪجھ بہ نہ آهي.

- ڪا ڳالھ تہ آهي؟

- نہ ڪا ڳالھ ڪونهي،

- ٻڌاءِ ڇاهي!؟

- .....

- ٻڌاءِ نہ!

- ....

- هون... امان نہ ٿي ٿهئي،

- ....

- هان!؟

- ها.... سومر شاهہ تي وئي هئم ـ ماسات کي ڪامڻ آ نہ..... ست سومر ويڄا آهن

- پوءِ؟

- چاچي ڪاوڙجي ٿي

- امڙ کي نہ ڪاوڙائجانءِ،

- .....

- سمجهين ٿي ، وري ٿو چوان امڙ کي نہ ڪاوڙائجان.

مهينن کان مونجهو هو اڄ هرويرو رات جي ڊيوٽي تي دل نہ چيس، موڪل وٺي اڄي يارن سان وينو ـ ڪچهري ۾ مزو نہ آيس ـ گهر آيو ويچارياٺين دير تي وئي آهي گهر ياتين کي چوا ٿاريان ـ پت ٽپي اندر ٿيو ـ ڏاڪڻ ۾ پير پير ۾ وجهي چڙهيو متان حسنا جاڳي پئي ڏاڪڻ چڙهي

ڏنائين تہ پنڌ پهڻ ٿي ويو ـ حسنا الف ۾ سوٽ سليمان ۾ چرڻ ۾ سگهه ئي نہ هئي. حسن بانو ٽپو ڏئي ڪٽ تان لٿي ٻانهون ٻڌي ايلازيو: حاڪم سائين معافي ـ معافي سائين معافي.

هن سرڪاري رائيفل ڪٽ جي پيراندي کان رکي هيٺ لهي گم ٿي ويو

ڪڏهن بہ ڪنهن حاڪم علي کي ڪٿي بہ ڏينهن جو نہ ڏٺو پر راتيون پوءِ پل سرنهن ڦلهاريل هجي ـ يا ڪٽڪون جهومنديون هجن، يا ساريون پچنديون هجن کهڙي بہ مند هجي سانوڻ جا جهولا يا پوهہ جا پارا هجن ـ اوندهہ اوٽتيهہ جي يا پورنماسي جي چاندي جهڙي چادر پرتان پري کان آواز ايندو:

معافي ..... معافي ـ سائين معافي.



books.sindhsalamat.com

# هارايل عمر جا آخري پل

Icarus my son we are about to make our first flight but keep at moderate height… If you fly too low the fog and spary will clog your wings… If you fly too high the heat will melt wax.

(Daedalus) *

هن کي لڳو تہ هي هاڻي تماشو ٿي ويو آهي. محسوس ٿو ٿيئس تہ انتهائي مٿاهين کان هيٺ ڪري ٿو ـ ٽٽل پڳل، ڪنپ ڪنپ ٿي ويل، هلڪو تمام هلڪو هوائن جي آڌار لڏندو لمندو هيٺ اچان هيٺ انت ڏانهن ۾ هن ايئن سوچيو ئي ڪو نہ هو.

جڏهن سندس پٽ جوان ٿيو تہ چيائينس -



www.sindhsalamat.com

"هيٺ زمين اڳيان سمنڊ ۾ مٿي آسمان آهي. وچٿرو هلڻو آهي نه هيٺ نه مٿي پر محنت سان".

ايئن ئي جيئن ڊيڊيولس پنهنجي پٽ کي پهاڙ مٿان بيهي مينڻ سان کنڀ چنبڙائي ڪيس چيو-

"Icarus fly but moderate"

وچٿرو تيز نه آهستي مٿي نه هيٺ وچٿرو- پر اڪيورس ايئن نه ڪيو دنيا ۾ اڄ ڏينهن تائين تماشوئي رهيو-

پر-

سوچي ٿو:- ڪٿا ۾ ته پٽ اڪيورس تماشو ٿيو ۽ زندگي ۾ ته پاڻ تماشو ٿي ويو.

اڪيورس جيان وڪرجي ويو- محبت جي مينڻ سان لڳل ۽ نفرت جي تپش سان سندس اعتماد جا کنڀ رجي ويا-

هاڻي هي هيٺ ڪري پيو- مٿاهين کان هيناهين ڏانهن. ذرو ذرو ٿي گم ٿي ويندو.

جڏهن پاڻ يونيورسٽي ۾ پڙهندو هو ته سردين جي ڪچڙي منجهند جو پروفيسر هڪ اسٽول تي وڏي پليٽ ۾ مختلف ميوا رکي ۽ ڪين گولائي ۾ ويهاري چيو "هر هڪ ان کي پينٽ ڪري"-

تڏهن هن جي پر ۾ ويٺل وڏين اکين واري سانوريءَ ڪيس چيو- "دنيا به ايئن اٿئي... فروٽ جي پليٽ"-

ان ڏينهن اهو جملو هن کي وڻيو لڳس ته زندگي ته رڳو باغ خوشبو رنگ برنگ پوپٽ ۽ پليٽ ۾ پيل مختلف ذائقن جا ميوا-

جڏهن سڀني جون ناهيل تصويرون گڏ ٿيون ته پروفيسر هڪ هڪ تصوير ڏيکاريندي ڳالهائيندو به پئي ويو ڏسو هر تصوير بي تصوير کان مختلف آهي جڏهن ته آبجيڪٽ هڪ ئي هو... "دنيا ايئن اٿو هڪ مهل هڪ وقت هڪ ٻئي کان مختلف ساڳي شي پنهنجي اندر ۾ به مختلف



books.sindhsalamat.com

آهي هر هڪ آبجيڪٽ کي مختلف ڪنڊن کان ڏٺو ۽ مختلف تصوير ٺاهي"-

تڏهن هنن جو گڏيل رد عمل به اهو هو ته زندگي گڏ گذارجي زندگي جو فريم ساڳو هوندي به اختلاف رهندو هڪ ٻئي کي سمجهڻو آهي، هڪ ٻئي جو احترام ڪبو-

۽

پنهنجي پٽ کي به اهائي تربيت ڏنائون-

اڄ جنهن لاءَ وڙهون ٿا اهي سياڻي غلط ٿي ويندا نوان اصول غلط نه هوندا اهي ان ماحول ان رفرنس، ان وقت لاءِ ته صحيح هوندا. هون به زندگي بانبڙا پائڻ کان وٺي آسمان ۾ اڏامڻ تائين جي سفر ۾ اصول قاعدا هڪ جهڙا نه رهيا آهن.... سڀ قدر ۽ اصول مستقل نه هوندا آهن اڄ جنهن لاءِ وڙهون ٿا اهي سياڻي غلط ٿي ويندا. نوان اصول غلط نه هوندا اهي ان ماحول، ان وقت لاءِ صحيح هوندا صرف اهو اصول مستقل آهي ته هر انسان بي انسان لاءِ ايئن ئي سوچي جيئن هو پنهنجي لاءِ سوچي ٿو-

تڏهن سندس پٽ پنهنجي ڪلاس فيلو کي سمجهائڻ لڳو-

مينا-

جي-

زندگي ايئن ئي هلندي رهندي شيون سڀ پراڻيون آهن، معنيٰ رڳو هن پل کي آهي ۽ هر پل نئون پل هوندو آهي ماڻڻ لاءِ-

مينا پري کان سمنڊ جي لهرن کي پئي ڏٺو سج ٻڏي ڪجهه پل ٿيا هئا-

هن جي ڪمري جي ليمپ جي روشني هنن جي گلاسن جو رنگ بدلائي ڇڏيو-

هن پيو گلاس خالي ٿي ڪيو مينا جي اکين ۾ ڏٺائين جتي هلڪي ڳاڙهاڻ جو ايراني قالين وڇائجي ويو هو-



www.sindhsalamat.com

مينا -

جي -

تنهنجي بابا کي خبر آهي -

چا جي!

ته تون ونندين آن

او يار Shit اهو سوال آ -!!

ڇو؟

ڪهڙي غلط ڳالهه آ... هر ڪو ونندو آ -

تنهنجي گهر وارن کي خبر نه آهي ڇا؟

نه -

او... هو -

پوءِ يار ڪيئن گڏ رهبو -

رهي وڃبو -

هن پاڻ کي ڪجهه ٿڪل محسوس ڪيو بي لمحي هن پڇيس -

ورلڊ ڪپ ڏسين ٿي -

ها -

ڪير عالمي چيمپين ٿيندو -

برازيل -

ها برازيل کي ئي کٽڻ کپي -

خبر ٿي...

ڪهڙي؟

اصل ۾ مون کي فوٽ بالر ڏاڍا وڻندا آهن -

ڄڻ گهوڙا ٿا ڊڪن مضبوط مشڪن وارا -

... اڳ مان چاهيندي هئس ته ڪنهن فوٽ بالر سان شادي ڪندس -

ها... ها ها -



ء -

هاڻ؟ -

هاڻ هڪ عجيب فريڪيونسي آ؟ مان پاڻ نه سمجهي سگهي آهيان... ڇا ٿي ويو مون کي -

ڇا ٿي ويو اٿئي؟

يار هاڻي لڳي ٿو مان توکان سواءِ رهي نه سگهندس -

ڇو؟؟

بس اهو مون کي به سمجهه ۾ نه ٿو اچي -

ٻڌ -

جي -

شادي کان پوءِ پاڻ ڪنهن ٻي ملڪ ۾ هلي رهنداسين -

هونه؟ -

جي -

جي ڇا... هن ملڪ ۾ نه رهبو -

ء -

پوءِ هي آمريڪا هليا آ -

ٻئي زال مڙس به پٽ سان آمريڪا ۾ رهڻ لڳا -

ڪيس پٽ جي اها ڪچهري ياد اچڻ لڳس جيڪا اجان شادي کي ڪل پندرهن ڏينهن گذريا هئا -

بابا -

جي بابا -

توهان ڪڏهن اهو سوچيو ته ملڪ کان ٻاهر وڃجي -

نه -

ڇو -؟

ڇو ته مون کي پيئرن ۽ ننڍن پائرن جو بار هو.

بابا... پوءِ پڦين ۽ چاچن تہ هن وقت تائين نہ توهان جي ڏکيءَ ۾ نہ
سکي ۾ خيال رکيو-

جي-

بابا توهان ٽائيم پيا زيان ڪيو-

....

بابا- اسان جو ملڪ اڄ بہ هڪ بم آ-

...

اهو ضرور ڦاٽندو-

پوءِ؟ -

بس هلون هتان

ڪيئن نڪرجي-؟

ڇو؟

نوڪري آ...

ڇا ٿو ملي ان نوڪري مان گهر جو باٿ روم ڏنو اٿو.

...

ڪهڙو سک آ... ان سوڙهي جاءِ ۾.

....

بس ايترو ڪيو توهان جي دوست جو پٽ جيڪو آمريڪا ۾ آهي،
ان کي منهنجي لاءِ چئو تہ مون کي گهرائي-

جڏهن هو آمريڪا ويو پئي تہ پڙهس وري- اها ئي ڪٿا ڊيڊيولس ۽
اڪيورس واري پڙهائي. پوءِ ڊيڊيولس ڪيس چيو-

If you fly too low the fog and spry will clog your wings, be moderate

پٽهنس بہ ايڪورس وانگر چپ رهيو وري ڪيس چيائين "پٽ سڄي
دنيا جا لقاءُ پوروچوٽ هوندا آهن"-



گناهہ ثواب، ڏک سک، هيٺاهين مٿاهين، زندگي موت پر صرف پاڻ
کي سنڀالڻو آهي-

جي بابا-

احتياط سان هلجي... احتياط ڀيو ڪجهہ بہ نہ آهي ماڊرن ڊڪشنري
۾ ڏسجي تہ مينجمينٽ آ-

آمريڪا ۾ پٽ سان گڏ رهندي- هن کي شدت سان احساس ٿيو تہ
ڪيس پنهنجو ملڪ پنهنجو پاڙو- پنهنجي گهٽي ۽ پنهنجي جاءِ ڇڏي
پرديسي نہ ٿئي ها. هن هڪ رات پنهنجي پٽ کي زال سان ڳالهائيندي
ٻڌو-

مينا-

جي-

مان ايئن نہ چاهيو هو.

تون ڇا چاهيو هو-

زندگي اسان انتهائي احتياط سان گڏ گذاريندا سين

پوءِ-؟

ايئن نہ پئي گذري-!

ڪيئن پئي گذري-؟

....

ٻڌاءِ نہ-!

سڄو ڏينهن ٻئي ٻاهر هوندا آهيون خوار ٿيندا آهيون ٻاهر کو
Enjoy نہ ڪندا آهيون ڪمائڻ لاءِ هوندا آهيون.

بس... بس-

بس ڇا-!!

بس امان ۽ بابا تہ ويچارا...

ڇا ويچارا... مان ڇا ٿي ڪري سگهان-؟



www.sindhsalamat.com
books.sindhsalamat.com

یار ڪجھ نہ ڪر صرف ايترو جيترو وقت گھر ۾ آهيون تہ گھر ۾ خوشي ۽ پيار جو هڪ ماحول. تون ئي مينيج ڪري سگھين ٿي -

ڪيئن مينيج ڪيان -!؟

ٻي ڏينهن کان هن روز پٽ کي ايلاز ڪرڻ شروع ڪيا ڪنهن نہ طرح هي پنهنجي ملڪ موٽي وڃي- الائي ڪيترا پيرا تہ هٿ بہ جوڙيائينس.

اڄ - وري گھر ۾ رڙيون هيون ڪروڌ ٿيو اڄان ٿو چئين ماحول ناهيان گھر ۾. ورشا ڪونهي هوءَ ٻاهر ٿڏ ۾ ڪٿي هوندي... ڪيئن هوندي... ٻک ۾ رڙيون ڪندي هوندي.

ٺيڪ آ - سندس پٽ وڏي رڙ ڪئي بس ڪر... رڙيون نہ ڪر -

رڙيون نہ ڪيان... سڄي گھر ۾ نحوست آهي -

پلي اوچتو گم ٿي وئي... گھر مان ڪيئن نڪتي... ڪيڏانهن وئي -

هن ڏٺو- سندس ننهن گھر ۽ ڪمرن جي ڪنڊن ۾ ميڻ بتيون ٻاري چڙيون هيون جيئن نحوست ختم ٿي. هي پاڻ کي منحوس محسوس ڪرڻ لڳو-

ميڻ بتيون ٻرن ٿيون -

پنهنجي زال کي ڏنائين جيڪا ويل چيئر تي ڪنڌ لاڙيون ويني هئي صرف ڏسي پئي واڇ ڦڙڪيس تي ورهين کان ايئن آهي نہ ڪجھ ڳالاهي سگھي نہ ڪجھ پڇي سگھي ڪنڌ ڍر ڪيل ڇهري تي ڪوبہ تاثر نہ. نہ ڏک نہ خوشي- نہ حيراني ۽ نہ ئي اوسيئڙي جو..... سندس زال کي ئي اوسيئڙو هو پنهنجي پٽ جي شادي ۽ خوشي جو-

ننهن ۽ پٽ خوش ان ڏينهن هوندا جنهن ڏينهن ڪيس هڪ ويلفيئر جي آفيس وٺي ويندا -

وينجهاريندس ننهن لهرائيندا ڦٽي ڏيندس ڪپڙا تبديل ٿيندس -



هن جي وزن ٿيندو سندس صحت ڏسي پوءِ اتان مليل پيسن کي ورهائٽي وري زال مڙس ۾ جهيڙو بہ ٿيندو-

هن کي لڳندو آهي جڻ سندس زال پيسن ڪمائڻ جو هڪ ٽول آهي نہ صرف سندس زال پر پاڻ بہ جڻ ننهن ۽ پٽ جي استعمال جي ڪا شي هجي -

ميڻ بتيون ٻاقي وڃي ٻچيون آهن سوچي ٿو بحرحال پٽ بلڪل اهو ئي سوچيندو هوندو پل تہ سڀ قدر اصول مستقل نہ هجن پر. هر انسان کي ٻي انسان لاءِ ايئن ئي سوچڻ گھرجي جيئن هو پنهنجي لاءِ چاهيندو هجي....

ڪيس کي اهي چيل لفظ ياد اچڻ لڳا - جڏهن اڏامر کان اڳ ڊيڊيولس اڪيورس کي چيو هو-

If you will fly too high then heat will melt the wax

ۦ

هن کي لڳو هي پاڻ ڊيڊيولس آ - سندس ميڻ رجي رهي آهي. گھٽو سوچڻ جي سگھہ نہ اٿس- هن ڏٺو هن جي زال جي اٽيين اکين ۾ ورهين کان پوءِ ڳوڙها پئي وهيا... پاڻ کي مٿاهين کان هيٺ ڪرندو محسوس ٿو ڪري- هيٺ ڪري ٿو- ڪري ٿو ڪنيڪنپ ٿيندي. پاڻ ئي زماني لاءِ تماشو ٿي ويو-

# نـہ سمجھڻ جو ڏک

"لڳي ٿو تون زندگي ۾ ڪجھ بہ نہ ڪري سگھندين."
(پيءُ کان ٻڌل جملو)

I have tried my best but sorry to disappoint you, again....

(پٽ جا چيل لفظ)

سچو بدلجي ويو آهي.

اندر ۾ ڍهي پيو پاڻ کي وڌيڪ پوڙهو ٿو محسوس ڪري وارن جي اڇي ٿيڻ جو احساس هاٽي ٿي ٿيس. نظر جو گهٽ، ۽ گوڏن ۾ سور، نستو نستو اندر ۾ شديد خواهش تہ "ڪو مون سان همدردي ڪري"_ پر ڪنهن کي ڪهڙي خبر. هن جي اندر جي پيچ ڊاهہ جي ڪيئن ڪنهن کي پنهنجي حالت محسوس ڪرائي؟؟


books.sindhsalamat.com

واڌڙو ٿي ويل، هو سڏڪا پري روئڻ ٿو چاهي پر.... اکيون ئي نہ ٿيون پرجنس.

هن کي پنهنجو پيءُ ياد اچي ويو.

جڏهن پوڙهو ٿي ويو هو. رٽائيرڊ ٿي گهر ۾ ويٺو تہ همدرديون وٺڻ لاءِ ماحول ٺاهي وٺندو هو. جسماني طور ڪمزو هوندو هو ذهني طور سگهارو هو.

"دل ۾ تڪليف آهي."

"دل هڪ ڌڪ گسائي ٿي."

"رات سجي ننڊ نہ آئي.... ڪبي واچ ڦڙڪي ٿي.... اڌ رنگ نہ ٿئي....."

پيءُ کي ڊاڪٽر ڏي وٺي ويندو هو. هر دفعي ڪجھ بہ نہ نڪرندو ....وري مهيني ڏيڍ کان پوءِ ڪا ٻي شڪايت ٿيندس. مٿ مائٽ گڏ ڪندو.

سندس پيءُ جي نڙيءَ ۾ هڪ دفعي گرهہ ڦاسي پيو. نڙيءَ کان هيٺ لهي ئي نہ پيو.... پاڻيءَ جا وڏا ڍڪ پريائين.... لوڻ ليمو گرم پاڻيءَ ۾ ملائي ڍڪ پرڻ جي ڪيائين. پاڻي اندر وڃي ئي نہ.... گهر جي ڀڏر تي سچو وقت گھمندو رهيو. هن کي محسوس ٿيو تہ بابا اڳ جيان همدردي حاصل ڪرڻ لاءِ يا پنهنجي اهميت محسوس ڪرڻ يا ڪرائڻ لاءِ ايئن ٿو ڪري....!!

"بابا.... ڪجھ بہ نہ آهي."

"پٽ ڦاٿل آهي."

"بابا ڪڏهن ڪنهن ٻڌو تہ ڪنهن جي نڙيءَ ۾ گرهہ ڦاٿو هجي."

"پٽ.... ڏسين ٿو اندر ڪجھ وڃي ئي نہ ٿو."

"بابا... بابا وهم اٿوَ."

"پٽ وهم نہ آهي... تڪليف آهي."

"بس.... بابا وهم اٿوَ."


www.sindhsalamat.com

"پٽ توهان نہ ٿا سمجهو."

"ها بابا سڀ سمجهون ٿا."

هن ڏٺو تہ هن جي پيءُ جي اکين ۾ ڳوڙها اچي ويا هئا.

جڏهن تہ هن پنهنجي پيءُ کي سڄي زندگي مضبوط ڏٺو هو. لاپرواهہ رهيو هو, سڄي زندگي سٺو پاتائين ۽ سٺو کاڌائين... سندس ماني گهر ۾ ٻين کان جدا هوندي هئي. گهر لاءِ سبزي ۽ دال ٺهندي تہ هن جي لاءِ الڳ مڇي يا گوشت رڌبو. ٻيا نيرن ڏهي ۽ چانهہ سان ڪن تہ هن لاءِ جيرا ٺهندا. هن ماني کائيندي پنهنجي اولاد جي چهرن تي حسرتن کي ڏٺو الائي نہ, محسوس ڪيو الائي نہ, پر هن سوچي ڇڏيو تہ جڏهن هي پيءُ ٿيندو تہ اهي سڀ خواهشون جي هن جون پوريون نہ ٿيون.... اهو سڀ ڪجهہ ٻارن کي ڏيندو... ۽ ايئن ڪيائين,

پهرئين پٽ ڄمڻ تي...

خوبصورت پينگهو, اوچا ڪپڙا ۽ بهترين رانديڪا ورتائين.

هر پهرينءَ تي نوان رانديڪا وٺندو. جڏهن پٽ وڏو ٿيس تہ ڪائنس پڇيو هئائين:

"پٽ, توکي اهي سڀ رانديڪا ياد آهن... جي مان وٺي ڏنا هئا مانءِ؟؟"

"ڪجهہ ڪجهہ"

"ڪهڙا ڪهڙا؟"

"بابا اُها ريل گاڏي ياد آهي, جيڪا هلندي هئي تہ ڄڻ اصلي ريل گاڏي هجي. ان جو دونهون ڪڍڻ سيٽيون وڄائڻ... ڏاڍي وڻندي هئي."

"پٽ جي اهي سڀ رانديڪا محفوظ هجن ها تہ ٻہ ڪمرا آسانيءَ سان ڀرجي وڃن ها."

هن کي تہ پيءُ وٽان ٻہ ڪمرا مليا, جيڪي ڀينرن ۽ ڀائرن سان ڀريل هئا.



books.sindhsalamat.com

ڪافي ڀيرا سندس پيءُ کيس پنهنجي ڀِنين ۽ سيني جا وار ڏيکاريندي چيو تہ "جنهن جي ٻہ سيني تي وڏيڪ وار هوندا آهن, اهي جنسي طور مضبوط هوندا آهن... ۽ وڏيڪ ٻار ڄڻيندا آهن."

"ها بابا... بلڪل وڏيڪ ٻار ڄڻيندو پر..."

"پر ڇا؟؟... پٽ هر ڪو پنهنجو رزق پاڻ کڻي ايندو آهي."

گهر ۾ ڇا هو؟ سڄي ملڪيت رڳو چار ڪٽون ٿانوَن جو ڪارو, ڪمرن ۽ اڱڻ ۾ مرٽينگ روشني ڏيندڙ بلب.... اٽپورا ڪپڙا... غير يقيني حالتون جن سيني کي ڏڄڻو ڪري ڇڏيو هو.

کيس سدائين پيءُ چوندو هو: "لڳي ٿو تون, زندگيءَ ۾ ڪجهہ بہ نہ ڪري سگهندين."

۽ــ

ڪجهہ بہ نہ ڪري سگهڻ جي خوف ڪري, هو صرف گريجوئيٽ ٿيو ۽ ڪلارڪي وٺي اهي سڀ ذميداريون پوريون ڪيائين جيڪي هن جي پيءُ کي ڪرڻيون هيون.

ڀائرن جي پڙهائي....

۽

ڀينرن جي شادي....

ان سڀ ڪجهہ هوندي هو پنهنجي پيءُ جي آخر تائين سامهون نہ ٿيو ۽ ڪڏهن ڪنهن بہ ڳالهہ جو جواب ڏيڻ جي سگهہ آخر تائين نہ آيس.

هن کي تنهن ڏينهن ڏاڍو ڏک ٿيو.

جڏهن آفيس ۾ ويٺو هو تہ هن وٽ سوئيپر گلزار مسيح آيو. کلندو کلندو, هر حالت ۾ کلندو يا مرڪ جو تاثر سدائين, ۽ نہ چاهيندي بہ قدرتي طور چهري تي چنبڙيل. هن ڏي اچو پنو وڌايائين.

"ڇا آهي؟؟"



www.sindhsalamat.com

"سائين... درخواست لکي ڏيو."

"ڇا جي لاءِ؟"

"قرض لاءِ."

"اڙي اڳ جو ڪنيو هيئي؟"

"سائين ان مان پٽ جي شادي ڪرائي."

"اڙي... پٽ کي چئو ته... پهرين اهو ته قرض لاهي."

"سائين نه لاهيندو."

"ڇو؟"

"بس."

"بس!... ڇو؟"

"سائين... هو زال سودو مسلمان ٿي ويو."

تڏهن هن جي پير جو ڦٽ وڏيڪ ذڪڻ لڳو جيڪو بوٽ مان نڪتل ڪوڪي جي مسلسل لڳڻ ڪري ٿي پيو هئس.

ڪجهه ڏينهن کان ڏک هن جي نڙيءَ ۾ ٿوهر جيان ڦٽي آيو آهي.

هر وقت پٽ ياد ٿو اچيس.

جمڻ کان جوانيءَ تائين، ٽن ڦيٿن واري سائيڪل کان موٽر بائيڪ تائين... گڏ سمهارڻ کان آڪاٽيون پڏائڻ تائين... ننڍپڻ ۾ جڏهن گڏ سمهندو هوس ته عجيب ڳالهيون ڪندو هو... بابا ننڊ منهنجي اکين ۾ ڦٿڪي ٿي... جڏهن اکڙيون بند ڪندو آهيان ته ڪاري رنگ جا ڪوڙ ڦوڪٽا اڏندا آهن. پوءِ رڳو رنگ ئي رنگ هوندا آهن.... بلو نارنگي ساوا... بابا منهنجي خواب ۾ اچا ناسي ڪتا، گلابي چيگم پيا کائن... مون کي نه پيا ڏين... ۽ پوءِ ڪوڙ ڪارين جهرڪيون پونڪڻ لڳيون ته ڪتا گم ٿي ويا..."

۽

سندس پٽ به ڪافي ڏينهن کان گم آهي. صبح کان گهر جي پڌر تي گهمندو رهيو آهي. رات واري خواب ته هن جو سڄو ساهه ڪڍي ڇڏيو آهي.

.... ڪيس وڏي ڀاءُ تابوت موڪليو.

"بابا جو لاش اٿئي دفنائي ڇڏجان." هن وري اهو تابوت اسٽور ۾ رکيو ته ڪانئس وسري ويو. اوچتو جڏهن ياد آيس ته دوست کي چيائين:

"يار بابا کي دفنائڻو آهي.... تون به مون سان گڏ هج."

"اج نه... اج ڪم آهي سياڻي."

نيڪ ٿيئي ڏينهن تي دوست کي گهر وٺي آيو.

"تابوت ڪٿون؟"

"نه يار... ماٺهو ڪلندا... چوندا ته هفتا اڳ پيءُ مري ويو اٿن... دفنائن اج ٿا...!

"پوءِ؟"

"پوءِ ڏس... هڏن مٽ ته آهي ڪنهن ۾ ويڙهي ڪٽي ٿا هلون."

لاش ويڙهي ڪٽي هلن ٿا ته دوست ٿو چويس: "يار... ڪجهه هڏا ته آهن، پاسو وٺي، ڪٽي ڦٽي ڪري ٿا ڇڏيون ڪنهن کي کهڙي خبر."

دوست کي چئي ٿو "ايئن نه يار ايئن نه.... آخر ته پيءُ آهي."

هي خواب جي ڪيفيت مان نڪرڻ ٿو چاهي... پڌر تي گهمي ٿو... سوچي ٿو.

"پٽ توکي ايئن نه ڪرڻ کپندو هو."

کيس ڪجهه ڏينهن اڳ پٽ هڪ لسٽ ڏني.

| | |
|---|---|
| بوٽ | 1500 |
| موبائيل فون | 5000 |
| شرٽ به | 1200 |
| پينٽ | 700 |

سيمسٽر في 2000

تڏهن هن رڳو ايترو چيس: ”پٽ تو تہ ايئن لکيو آهي ڄڻ صرف انگ هجن... اها منهنجي پندرهن ڏينهن جي محنت آهي. اڌ پگهار آهي... تون تہ محنت ڪرين ئي ڪونہ ٿو.... پوين ٻنهي سيمسٽرس جون مارڪون ڪي سٺيون تہ ڪونہ آهن.“

تڏهن سندس پٽ ساڳي لسٽ جي هيٺان لکيو:

I have tried my best but sorry to disappoint you, again……..

سوچي ٿو.... آخر پيءُ هئومانس

هو پڌر تي گهمي ٿو گهمي، کٽ تي اچي ويٺو. ڏيڍس ماني اچي رکيس. هو ماني کائيندي، کائيندي روئي ٿو.

”پاڻي.“

کيس ڏيءُ ٽڪڙو گلاس پري پاڻي آڻي ٿي ڏئي... سڀ گهر ڀاتي ايئن ٿا سمجهن تہ گرهہ ڦاٿو اٿس... اجا وڌيڪ روئي ٿو... هو نہ سمجهڻ جي ڏک ۾ ونجي وڃي ٿو!!



books.sindhsalamat.com

# مان
# پاڻ کي
# ڳولڻ
# نڪتو آهيان.

سچ اهو آهي تہ حقيقتون کل جهڙيون هونديون آهن پر انهن تي کلبو نہ. جي کلندوءُ تہ پوءِ ٻہ ڳالهيون ٿي سگهن ٿيون، پهرين تہ ماڻهو وري توهان تي کلن، يا جي توهان تي کليا نہ، تہ ڪاوڙ ڪندا، ۽ ڪاوڙ ۾ توهان کي سزا بہ اچي سگهي ٿي.

پيلا ڏسو ڪورٽ ۾، شاهد کان قسم پرائيندا آهن تہ” مان خدا کي حاضر ناظر ڄاڻي، جيڪو ڳالهائيندس سچ ڳالهائيندس“ پوءِ ڇا ٿيندو آهي، ڪوڙو ماڻهو ٻاهر هوندو آهي ۽ سچو ماڻهو ڪاوڙ ڪندو وڦلندو، رڙيون ڪندو ۽ ماڻهو کلائيندو. ايئن ئي مان ڪڏهن ڪڏهن سوچيندو آهيان تہ ڪيلي جي پنن ۽ هاٿي جي ڪنن ۾ هڪ جهڙائي آهي. مان



www.sindhsalamat.com

کيلي جا پن ڏسندو آهيان تہ هاٿي ياد ايندو آهي, جي هاٿي جا ڪن
ڏسندو آهيان تہ ڪيلي جا پن ياد ايندا آهن.جڏهن تہ حقيقت ايئن نہ
آهي ڪجھ بہ ڪنهن وقت بہ. ڪا بہ ڳالھ ذهن ۾ اچي تہ ڇا اها اظهاري
نہ ٿي سگهجي!! اها ئي ڳالھ مان ڪالھ پنهنجي گذريل محبوبا کي فون
تي ٻڌائڻ چاهي. فون هن ئي ڪئي. سچ اهو هو تہ نہ هو منهنجي محبوبا
هئي نہ ٿي هن لاءِ مان ڪو پسنديدا شخص هئس. بس اسان
اهوسمجهندي بہ هرويرو گڏ گهمندا هئا سين.هوٽل جي هلڪي روشني ۾
ڪافي پيئندي هڪ ٻئي جي موجودگي مان مزو وٺندا هئاسين

ڪيئن آهيو؟

ٺيڪ آهيان.

ڇا پيو ٿئي؟

مان ڪيس اهو چوندي بہ چئي نہ سگهيس تہ ڪيلي جي پن ۽ هاٿي
جي ڪنن ۾ ڪو فرق نہ آهي.اهو سوچي تہ متان ان جملي پنيان هڪ ڪل
۽ هڪ ٽوڪ پريو جملو اچي ۽ عمر پر وري اندر ئي اندر ۾ ڪڙهندو
رهان.

بس....ٺيڪ آهيان.

توهان ٻڌايو؟

عجيب موسم ٿي وئي آهي اداسائي آهي موسم بدلجي ٿي تہ شيون
بہ بدلجن ٿيون پاڇا متجن ٿا, اونهارو وڃي پيو سيارو اچي پيو رويا بدلجن
پيا ۽ پوشاڪون.....

پوءِ؟

بس پوءِ اداس موسم ۾ اداس ماڻهن سان ڳالهائڻ ۾ مزو ايندو آهي

هن جي ان ڳالھ ڪرڻ سان مان پاڻ کي گهٽ سمجهڻ لڳس, اصل
گهٽ نہ پر ايئن لڳو جڻ مان نئين موسم ۾ استعمال ٿيڻ لاءِ پوراڻو وڳو
هجان.



books.sindhsalamat.com

ها....ها....ها.

ڪلين ٿوا!

معنيٰ تہ مرضي تي ڪنهن جو بہ اختيار نہ آهي موسمون ئي ماڻهن
کي بدلائن ٿيون.

تون ڪيئن ٿو سمجهين؟

مان صحيح ٿو سمجهان, ڳالهائڻ لاءِ رڳو سبب ئي گهرجي.....

۽ نہ ڳالهائڻ لاءِ؟

نہ ڳالهائڻ لاءِ بہ سبب ئي گهرجي.

ڪيئن؟

تو چيو هو مان آزاد رهڻ چاهيندي آهيان هاڻ” تنهنجو“ هجڻ
منهنجي لاءِ قيد پيو ٿئي.

ڪارڻ ڪهڙو هو؟

ڪو بہ نہ بس..... اهو منهنجو مينيوفيڪچرنگ فالٽ آ....

هان!.....پوءِ بہ!

مون کي لڳو تون منهنجي ڪمفرٽ زون ۾ پيو داخل ٿيئن

اڇا, اهو سبب هو!

ها.

پر وري بہ مان ڪو قسم نہ ڪنيون تہ مان ايئن سوچيو بہ نہ آهي. پر
سچ ۾ قسم ڪٽي مان ڪوڙ کي سچو چو ڪيان.

ٿيو ايئن تہ ڪالھ مان ٽي ويءَ تي رانديون پيو ڏسان پلا يورپ جا
ماڻهو وڏي قد ۽ وڏي سگهہ وارا چو ٿا ٿين! مثال قد وڌائڻ ۽ سگهہ وڌائڻ لاءِ
جيڪي فيڪٽر گهرجن اهي انهن وٽ ئي آهن, اسان وٽ نہ آهن پوءِ
رانديون بہ تہ سازشون نہ آهن.....! پاڻ کي وڪٽري اسٽينڊ جي پهرين ۽
مٿين ڏاڪي تي بيهڻ لاءِ, فوٽو ڪڍائڻ لاءِ, ٻين کي گهٽ ڏيکارڻ لاءِ اُنَ



www.sindhsalamat.com

ڏينهن پنهنجي پياري دوست کي چيو هو ته يار اسڪرپٽ مان ٿو لکان، مووي تون ناهه.

ون لائين ٻڌاءِ؟

هٿ آهن جيڪي نئين چاول ٻار جي پني کي ٽپڪيون ٿا هڻن، جيئن هو هڪ رڙ سان آڪسيجن ڪٽي.

پوءِ!؟

هٿ آهن جيڪي تيلي سان ڏيئو ٻارن ٿا. هٿ آهن جا جنڊي جا چٽ ڪڍن ٿا.هٿ جيڪي ڪاشيءَ تي ڪم ڪن ٿا. هٿ دف وڄائن ٿا. هٿ ڪڙين ۾ بند آهن ۽.....هٿ آهن هڪ ننڍي ٻار جا ننڍڙا ننڍڙا پنيوري ٿا پڪڙن، پنيوري اڏي ٿي وڃي، بلر ٿي اوور ليپ ٿئي ٿو اسڪرين تي ڳياڙي کي پتي ٻڏي وڃي ٿي روح وڃايل چهرو ايري اڇي ٿو.

اصل ۾ هن مون کي ڪو جواب نه ڏيئي مايوس ڪيو. مان پاڻ کي انتهائي بيوقوف سمجهيو ايئن جيئن ڪينال جي ڪپ تي گهمندي ماڻهن کي مڇيون ماريندي ڏٺو جڏهن چار ڪيڻايون ته صرف ننڍڙيون مڇيون ايئن چئجي مڇن جا ٻچا هئا.

بابا، اهي ٻچا ڇو ٿا پڪڙيو؟

سائين، فارمي مرغي جو فيڊ ٺهندو.

بابا.....انهن کي وڏو ٿيڻ ڏيو.

هنن ٿوري ڪاوڙ ۽ نفرت مان ڏٺو سوچيم حد جي صوبيدار کي فون ڪيان.

سائين توهان جي حد ۾ ظلم پيو ٿئي.

ڪهڙو ظلم......ڇا ٿو ٿئي؟

مڇين جا ٻچا ٿا مارين.

پوءِ؟

مڇيءَ جي نسل ڪشي پئي ٿئي.



بابا، وڃي پنهنجو ڪم ڪر.....ٻلا غريب روزگار به نه ڪن ڇا؟

مان دانهن ڏيڻ جو سوچيو پر دانهن نه ڏني ايئن الائي ڪيترين دانهون لڪل هونديون آهن. هزارين دانهون، هزارين ماڻهن جي اندر ۾ دفن هونديون آهن.

ايئن ئي مون کي، غلط جاءِ تي صحيح ڪم ڪرڻ ڪري ڪڍيو ويو ته تون ان کي مطمئن ڇو نه ڪري سگهين جڏهن ته مان بروشر ڪٽي ڪيس سمجهايو ته" هاڻي توهان جو ٻار ميٽرڪ ۾ آهي جي هيٺري قسط پريندءُ ته هيترو منافعو ملندوءَ ۽ جي ان وچ ۾ توهان مري ٿا وڃو ته، پوءِ ٻيڻ تي منافعو توهان جي ٻار کي ملندو....." هو ته خوشحال زندگي لاءِ آيو هو بروشر تي خوشحال زندگي گذارڻ جا خوبصورت جملا پڙهيا هئائين، پر هن کي لڳو ته هو جنهن کي صحيح جڳهه سمجهي صحيح ڪم ڪرڻ ئي آيو پر اتي سڀ ڪجهه غلط لڳس هو هڪ ڊپ ڪٽي موٽي ويو. اهڙو ئي ڊپ مون کي سڄي زندگي رهيو آهي، ان پنيان ڪارڻ نه به آهي يا آهي به مون کي لڳندو آهي منهنجي پيءُ کي جيئرو پوريو ويو هو. جڏهن بابا کي پوريو پئي ويو ته نه چاهيو هيم ته ڪيس پورن رڙيون ڪرڻ چاهيون پر ننڍو هئس رڙ به نندي هئي منهنجو احتجاج ننڍڙو هو بس مون کي ٻڌايو ويو ته خدا ڏي هليو ويو.

ورهين کان پوءِ هڪ سخت گرمي جي آڌي رات جو رلهي ويڙهيل وڏن وارن وارو مست گهٽيءَ ۾ مليو.

فقير خوش آن؟

ها.

ڪاڏي ٿو وڃين؟

خدا ڏي.

خدا ڪٿي آهي؟

الائي!



books.sindhsalamat.com
www.sindhsalamat.com

پوءِ ڪٿي ڳولهيندينس؟

متان به ڪٿي ملي وڃي.

متان لفظ کان مان سدائين ڊڄل رهيو آهيان متان هيئن، متان هونئن.....ڀل ته اهو صحيح هجي ته ڪيلي جا پن ۽ هاٿي جي ڪنن ۾ هڪجهڙائي هجي، پر متان لفظ منجهائي رکيو آهي ته اهو جملو چوڻ سان ئي الاءِ ڪيترا جملا پيدا ٿي پون. پوليو زده اڌ رنگ ورتل، خارش ورتل، ڦتيل، پونءِ ڳاڙيندڙ ته پوءِ .......

پوءِ

ڏک ايترو نه وڌي ويو جيترو پنيي ڏاڙهي واري سنهڙي ڪامريڊ جي پيءُ پٽ جي لاش کي ڏٺو جنهن جي لونڊڙي وٽان آرون پار سوراخ ۽ هٿ ڪراين وٽان پڳل هئاحسرت مان چيائين : يار.... وسيلا ته ڦري ويا آهن باقي رڳو ساهه آهي هاٽي اهو به نه ٿا سهن.

پڳل هٿ ڪجهه نه ڪري سگهن ها ڪجهه به نه، گليلي به نه ڪٽي سگهن ها. مون کي پنهنجو اسڪرپٽ اتي ختم ڪرڻ گهر جي ها ته پڳل هٿ ڪجهه به نه ڪري سگهندا آهن....هٿ يا صرف هٿُ......؟

امان ته اسان جي هٿ مان ڪيئنچي ڦري ڇڏيندي هئي. امان کي ڪيئنچي کان سخت نفرت هئي. الاءِ به ڇا جي ڪري. جڏهن ته امان اها ڪهاڻي به نه پڙهي هوندي جنهن ۾ پريميڪا پيار جي شڪست کان پوءِ ڪيئنچي سان ڪرنٽ جي تار کي ڪٽي جهٽڪي سان مري وڃي ٿي......۽ اڄ به ڪيئنچي منهنجي شعور ۽ لاشعور ۾ محبوبا جي خيال جيان ڇانيل آهي.

هاٽي مون وارو يار پنهنجي ٽنگ ڀڃائي اسپتال ۾ داخل آهي. وقت کان اڳ سندس نوڪري ان ڪري ختم ڪئي وئي ته هن ليڊي وزير جي ڪنهن سواليءَ کان درخواست وٺندي تصوير ڪڍي پريس وارن کي ڏني، جيڪا ڇپجي وئي.



books.sindhsalamat.com

انڌو هئين ڇا؟

.......

هي ڇا ڪري ڇڏيئي؟!

سائين.....مان ته ڪجهه نه ڪيو!

ڏسين نه ٿو.....وزير صاحبا جي ڇاتيءَ جي وچ واري ليڪ ڪيڏي واضع آهي......رک ڪيئمرا......نڪر ٻاهر

هو هٿين خالي آفيس مان نڪتو اڳ ته وزيرن، اميرن، ليڊرن، اداڪارائن، ڳائڻن، مشيرن جا فوٽو ڪڍي ۽ ساڻن گڏ فوٽو ڪڍرائي فخر ڪندو هو ۽ هاڻ اڪيلو بيڊ تي علاج لاءِ پريشان آهي.

ڪيس چيم "ڪيلي جي پنن ۽ هاٿي جي ڪنن ۾ فرق لڳندو اٿئي؟"

منهنجي غير ضروري ۽ بي وقتائتي ڳالهه تي غور ڪري اطمينان سان وراڻيائين"فرق ٻڌائڻ سان به ڪو فرق نه پوندو. بس فرق رڳو پوندو ئي وقت ۾ آهي....... وقت کي گذرڻو ئي آهي پيو گذرندو."

مون کي ان وقت ڪو سوال ڪو جواب ڪو دليل ئي ذهن ۾ نه آيو چيو مانس "پوءِ ته ماڻهوءَ جي وس ۾ ڪجهه به نه آهي نه وس ۾ موت ۽ نه ئي وس ۾ زندگي".

ها......

مان مارڪر ڪٽي سندس پڳل ٽنگ جي اڇي پلاستر تي ڪارن اکرن ۾ لکيو.

مان، اڄ مري ويو آهيان......دعا لاءِ هٿ کڻڻ جي ضرورت نه آهي.



www.sindhsalamat.com

# پن ڇڻ ۾ ٽڙيل گل

چوڌاري خاموشي آهي، پرسرار پوائتي خاموشي، اهڙي جا اندر ۾ ڊپ پري،غيريقيني ڪيفيت پيدا ڪري ڇڏي. خوف ٿو ٿئي ته مون کي گهر مان ئي نه ڪڍي ڇڏن. اڌ زندگي ته ڏکن ۽ ڏاڍن ۾ گذري وئي آهي. پنهنجي پوئين زندگيءِ تي سوچان ٿو ته ڏڪڻي وٺي ٿي وڃي.

جنهن گهر ۾ ڄايس، ڏاڍو سٺو گهر هو وڏو ويڪرو. خوبصورت باغ جنهن جي ڇٻر ۽ گلن جي وچ ۾ رانديو رونديون ڪرڻ گهمڻ ڦرڻ. پو اوچتو ئي اوچتو اتان مون کي ڪڍي وڪڻيو ويو. ماءُ کان جدا ڪيو ويو. ماءُ کان وڇڙڻ جو ڏک اوهو ئي محسوس ڪري سگهندو جيڪو ان حادثي مان گذرندو. زندگي ڏکي، اوپري ۽ اڪيلي ٿي وئي. پاءُ نه پيڻ اڪيلو. اتي ٻيا جانور به هئا. مختلف قسمن جون ٻليون، طوطا ۽ ڪبوتر. انهن جو مالڪ سخت ڇهري وارو ۽ پڪو واپاري هو جڏهن به ڪو گراهڪ طوطا



books.sindhsalamat.com

وٺڻ ايندو ته ٻڪ ان جو اڇلائيندو اهي ٻک کان اَنَ تي ڪڙڪي پوندا گراهڪ کي پکين جي ڦڙتي، تازگي ڏيکاري مرضي موجب سودو طئي ڪري وٺندو. ڪجهه ڏينهن کان پوءِ هڪ نوجوان ڇوڪري مون کي خريد ڪيو. اهو هڪ فوجي آفيسر جو پٽ هو. سندس پيءُ سخت هو. هو صرف شام جو چانهه پيئڻ جڏهن لان ۾ ويهندو ته ڪيس ڏسندو هئس.

”جيڪ“ سندس پٽ سڏ ڪندو ته مان سندس ڪڍ، ڪيڏائيندو گهمائيندو. پاڻ ڪيڊٽ ڪاليج ۾ پڙهندو آهي. ڏاڍو پيار ڏيڻ لڳو اوچتو هو ڪاليج کلڻ ڪري گهر کان هليو ويو. جڏهن ڪاليج وڃڻ لاءِ سندس ماءُ ٿيلو پئي ناهيو. ايئن پئي ڏٺائين لڳو پئي هن کي مون کان جدا ٿيڻ جو ڏک پئي ٿيو.

مان اڪيلو ٿي ويس نوڪرن حوالي، ڪڏهن ماني ملي ڪڏهن نه. ڏينهن سڄو ٻک ۽ اڃ ۾ به ڪٽجي وڃي. پاسريٿيون نڪري آيون، هفتن جا هفتا وهنجهارن به نه. ٿيو ايئن ته ميرو گدلو ۽ ڇچڙ چنبڙي پيا، وار لهڻ لڳا، کل تي ڦٽ ٿي پيا.

هڪ شام جو مالڪ جي نظر مون تي پئي ته هن جي ڇهري تي ڪاوڙ ۽ نفرت هئي. تيز نظرن سان ڏسڻ ڪري مان ڪنڊ ۾ وڃي ويهي رهيس

يوسف،

جي سر.

جيڪ کي بيماري لڳي آهي.

جي سر.

پوءِ؟

جيئن حڪم هجي.

هيئن ڪر هن کي هتان ڪڍي، ڪجه ڏينهن وڃي پنهنجي گهر ۾ رک



www.sindhsalamat.com

جي سر.

مان نوڪر جي گهر هڪ ڪنڊ ۾ زنجير سان ٻڌو رهيس. پوءِ هڪ ڏينهن مون کي پيٽ ڪيريئر ۾ وجهي، هڪ ڪوچ جي ڏگي ۾ سامان سان گڏ رکيو ويو. ڪيريئر ننڍو ۽ سوڙهو هو جنهن ۾ صرف ويهي ئي سگهجي پيو. ڏگي ۾ سخت گرمي هئي، مٽي هئي، هٻس هئي. اها به خبر نه هئي ڪاڏي موڪليو پئي ويو ڪنهن وٽ موڪليو پئي ويو. اڃ ڪري نڙي سڪي ٺوٺ ٿي وئي،ٻڪ ۾ ساهه پئي نڪتو.

جڏهن پنجري مان ڪڍيائون ته مون ۾ طاقت نه هئي. ٻيهي ئي نه پئي سگهيس، منهنجي مٿان هڪ ڪٽنب بيٺو هو. مالڪ مالڪياڻي ڌي ۽ سندس پٽ، چوڌاري ڏٺم گهر ننڍڙو هو . ديوارون وڏيون هيون. سخت گرمي محسوس ٿي. مالڪ جي ڌي هٿ گهمايو آهستي آهستي ليش ٻڌائون. پاڻي رکيائون. هڏ هڏ پئي ڏکيو مان ساڻو ٿي ڪنڊ ۾ پيو ئي رهيس.

هن شهر ۾ ڏينهن جو ڏاڍي گرمي آهي. ٽڪ ۽ اٽپوري ننڊ ڪري چڙ هر وقت بخار جي ڪيفيت ٿي رهي. صبح جو مالڪ ۽ مالڪياڻي مون کي ٻاهر وٺي گهمائڻ ويندا آهن. شام جون سندن پٽ جيڪو دير تائين گهمائيندو ۽ پنهنجي محبوبا سان فون تي ڳالهائيندو. ٻه گهٽيون ڇڏي هڪ وڏو ميدان آهي جتي ڊوڙڻ، گهمڻ ۽ کليل هوا ۾ ڪيڏڻ ڪري ڏاڍو مزو ايندو آهي.

هڪ دفعي مون کي مالڪ پنهنجي ننڍي ڀاءُ جي گهر وٺي آيو.

ورزش هلي ٿي؟

نه، ڪجهه ڏينهن نه ڪئي آهي.

ڇو؟

فزيوٿراپسٽ ڳوٺ ويو آهي...مائٽن جي شادي ڪري.


books.sindhsalamat.com

سندس ننڍو ڀاءُ تازو ئي رٽائر ٿيو آهي سخت نوڪري هن کان گهمڻ ڦرڻ کسي ڇڏيو گوڏن ۽ چيلهه جي سور جي ڪري تڪليف ۾ رهي ٿو.

ڀلا واڪ ڪيو ٿا؟

گهٽ...بس ڪانفيڊنس ئي نه ٿو ٿئي.

واڪ ته مون کان به رهجي ويندي هئي.

پر جڏهن کان جيڪ آيو آهي مون کي گهمائي ٿو هي منهنجو فزيوٿراپسٽ آ....گهر ۾ نه پيشاب ڪري نه پيو گند پوءِ لازمي ٻاهر نڪرڻو پوي.

ها.....ادا پر مون کي لڳي ٿو ته گوڏن جي سور سان گڏ ذهني ڪمزوري به آهي.

توهان به رکو سچ پاليل جانور سان اڪيلائي به ختم ٿئي ٿي.....

جڏهن پيرن ۾ سمهي ٿو ته هڪ انرجي ٿي ملي، پائرن جي ڪچهري منهنجي اندر ۾ سگهيري ڇڏي.

مالڪ جو هڪ پٽ مليشيا ۾ پڙهي ٿو اهو روز پيءُ سان ڪلاڪن جا ڪلاڪ ڳالهائيندو آهي.

بابا، جي پٽ.

بابا،

هيءَ به هڪ جنگ آ.

ڪيئن؟

اها به ٻين جنگين جهڙي هڪ جنگ آهي...ڪڏهن هائبرڊ ٻجن ذريعي ۽ ٻج به هاٽي هٿيار آهي.ڪنهن ملڪ کي نه ڏين ته ڏڪار....ڪڏهن خلائي ڊوڙ ۽ مختلف هٿيار ناهڻ جا مقابلا.....ٻڪ ۾ ته مني دنيا ٿي مري نه.

ها...بلڪل بلڪل


www.sindhsalamat.com

هي نفسياتي جنگ سان گڏ معاشي جنگ به آهي جيڪا وائرس سان وڙهي ٿي وڃي.

نه....نه ايئن نه آهي هي ته چمڙن ۾ ڪتن جي گوشت کائڻ ڪري ٿي آهي.

بابا ....ايئن نه آهي،وڏا ملڪ هاڻي ٻين ملڪن جي ايڪانامي تباهه ايئن ڪندا.

بخار ٿي پيو آهي، سڄو جسم تتي پيو پيڙا آهي.ٻاهر هوا تيز ٿي لڳي پيشاب به ڏاڍو لڳو آهي پر ڪرڻ تي دل ئي نه ٿي چوي.اوچتو مالڪ ڏي جي ڪمري ۾ آيو ته ڏيٽس پڇيس: بابا جيڪ توهان جي ڪمري ۾ آيو هو...صبح جو؟

نه،چو؟.

هوئن مان صبح جو مالڪ جي ڪمري ۾ به ٿي منٿ وڃي سندس پيرن ۾ ويهندو آهيان.

الاءِ ادا جي ڪمري ۾ به نه ويو آهي.....سست لڳو پيو آهي.

........

رات وارا بسڪوٽ جيئن جو تيئن پيا آهن، ڪاڏا نه اٿئين.

نيڪ آهي.....پاءُ کي چئو ته ڊاڪٽر کي ڏيکاريس.

سڄي دنيا خوف ۾ ونجي وئي آهي هزارين ماڻهن جي موت جون خبرون آهن ايمبولنس جا نياڳا سائرن،۽ ميوزڪ گانا بند چيچپات ماڻهون گهرن ۾ بند آهن هر ڪو ٻئي سان ملڻ کا ڊڄي ٿو نه هٿ تا ملائن نه پاڪر...... هٿ تي دستانا منهن تي ماسڪ چڙهيل ڪو ٽهڪ ڪو نه. چهرا خوف ۾ ورتل مالڪ جو سڄو ڪٽنب پنهنجي پنهنجي ڪمرن ۾ بند موبائيل فون تي ٻاهر رهندڙ پٽ سان ڪانفرنس ڪال تي آهن.

معنيٰ اها هڪ عالمي سازش آهي.

نه ايئن نه آهي.



books.sindhsalamat.com

وائرس هاڻي دنيا جو وڏو هٿيار آهي.

ايڪناميڪل جنگ آهي.

ڪمزور ملڪ ٽٽندا.

پوءِ سرحدون نه رهنديون.

نوان ملڪ نئون نقشو ٺهندو دنيا جو.

اڄ اسان وٽ به ملڪ ۾ لاڪ ڊائون هو.

وڌيڪ لاڪ ڊائون ٿيو ته ماڻهون ذهني مريض ٿي ويندا.

ها نفسياتي جنگ آهي.

نوان مذهب، نوان سياسي لاڙا نوان عقيدا نيون دوائون، نيون ايجادون، نوان نظريا.....

ٽي وي تي نيويارڪ جو ٽائيم اسڪوائر، شڪاگو جا حسين روڊ، ووهان شهر جو خوبصورت عمارتون، ايران جي گهرن ۾ نوروز لاءِ نه منائي ٿهي ۽ نه ئي ڪنهن رنگ برنگي ويس ويس پاتا، بالي جو ساموندي ڪنارو. گهٽين ۾ بيٺل گاڏن جون قطارون ڪنارن تي بيٺل مهاڻن جون لانچون، سڀ جو سڀ بند آهي. خاموشي آهي، ويران خاموشي ۾ ٻڊ لڪل آهي.مون رات سڄي پوائتا خواب ڏسندي گذاري، ننهڻ،تتل روڊن تي دربدر....سوڙهي پيچري ۾ واڙيل. گرمي، ٻڪ هر هر چرڪ پئي پريو. مالڪ جي ڏي صبح جو پيراسٽامول شربت پياريو ته ٿڪ ئي لهي ويو بخار ۽ لڱن جو سور به ختم ٿي ويو آهي.

ڪالهه هڪ مزيدار ڳالهه ٿي،جڏهن ٻڌايو ويو ته ڪرونا وائرس هوا ۾ سفر نه ڪندو آهي، ان ڪري رڳو پاڻ ۾ فاصلو رکو باقي وڇڙنڊڙ نه آهي. گرمي، گهم ۾هن جي عمر ننڍي آهي پنهنجي پاليل جانور کان ڊڄو نه خاص ڪري ڪتن کان، چو ته هانگ ڪانگ ۾ ڊاڪٽرن ثابت ڪيو آهي ته ڪتا اهو وائرس نه تا ڦهلائي سگهن.گهري ۾ پراسرار خاموشي رهي سڄو ڏينهن، گهر ۾ خاموشي، ٻاهر گهٽي ۾ چپ چپات.....



www.sindhsalamat.com

رات جي ماني کان پوءِ سڀ ڊرائنگ روم ۾ ويٺا آهن ٽي وي تي ڏيکارن ٿا تہ مختلف ملڪن ۾ هڪ ئي وقت بتيون ٻاريون ويون بالڪونين، ٽيئرس، گهر جي ڇتن مٿان چڙهي، سڀ وائرس جي جنگ ۾ اڳي مورچي تي وڙهندڙ اسپتال جي عملي ۽ ڊاڪٽرن کي ڀيٽا ڏيڻ لاءِ ٿال ٿاليون ۽ گٽار دهل،سيٽيون وڄائن ٿا.

مالڪ چوي ٿو: سڄي دنيا هاڻي جڻ تہ هڪ گهر آهي، ماڻهن ۾ جسماني فاصلو تہ وڌيو آهي پر روحاني گڏ ٿي ويا آهن.

مالڪ جي ڌيءُ وراڻيو : لڳي ٿو غير يقيني حالتون ختم ٿيڻ تي آهن.

پرتان اٿي اچي مالڪ جي پيرن ۾ وينس هو منهنجي پٺيءَ تي هٿ گهمائيندو رهيو....

تاڙين ۽ ميوزڪ جا آواز مسلسل هلن ٿا منهنجي اندر ۾ ٽليون وڄن ٿيون.



## مڙهيل عذاب ۾ گذاريل گهڙيون

لڳي ٿو مان هر پرو وڏيڪ ٿو سوچيان... شروع کان ايئن ئي هرپرو سوچڻ ئي مون کي نقصان ڏنا آهن،گهڻو ڪجهہ وڃايو اٿم. ڏينهن تہ جيئن تيئن گذريو وڃي، پر رات جو سوچن مان جند نہ ٿو ڇڏائي سگهان... غلط تہ مان بہ نہ هيس... بس ڇا ڪجي... ايئن ئي ٽڪڙ ڪيم- ٽڪڙ بہ نہ ڪئي پر پنهنجو لهجو صحيح رکان ها... صبح ٿئي تہ چوندو مانس : ”سائين... اصل ۾ ان ڏينهن... پر ”سائين“ چئي معتبر چوڪيانس... ان ڏينهن ٿورو تکو ٿي ويم..... توهان کي ڏکيو لڳو هوندو... بس دل ۾ نہ ڪيو...“

....

سائين دل ۾ نہ ڪيو.

....

بس معاف ڪيو.

هو سج لهڻ کان ڪجهه گهڙيون اڳ بالڪوني ۾ اچي ويٺو هو. مٿي آسمان ۾ چوڌاري سرٽيون پئي ڦريون آهستي آهستي ڏنڌ ٿي وئي ته روشنيون ٻرنديون ويون. هن بالڪوني مان اچي ڪمري جو در کوليو ته کيس ڪي اگري ڌپ آئي- در ڏيئي بالڪوني جي ننڍڙي پٽ تي ٽيڪ ڏيئي ويٺو. هوا بند هئي، ڌپ هن جي ناسن کان اندر ۾ لهي وئي جنهن کاوڙ سان گڏ جڻ هن کي بيوس ڪري ڇڏيس. ڏٺائين سامهون واري بلاڪ جي هڪ فليٽ ۾ بلب ٻريو اجهاميو وري بلب اجهاميو ٻريو. اهو اشارو هو ڪنهن کي سڏڻ جو ۽ سندس پرتان ڪنهن فليٽ جو ڪمري جو در کليو هوندو- جنهن مان نوجوان اچي ويٺو هوندو. سامهون ڏٺائين چوڪري اشارن مان ٻڌايس... ته "مان ويٺو آهيان" بلب بند ٿي ويو-

سوچڻ لڳو عشق رهيو ڪٿي آهي... عشق آهي ڪٿي هيءَ ته بک آ... عشق ته ناهي.

کيس هڪ فلم جو سين ياد آهي هڪ ڪراڙي کي منجهند کان شام تائين ويل چيئر تي ويهاري گئلري ۾ ڇڏي ويندا آهن- هو صرف آسمان کي ۽ هيٺ روڊ تي ڊوڙندڙ گاڏين کي ڏسندو ايئن ئي هو سامهون هڪ فليٽ ۾ کليل در مان اندر ڪمري ۾ ٻن پريمين جي حرڪتن کي ڏسندو ۽ هو به ڪراڙي جي ايئن ڏسڻ کي هرپرو محسوس نه ڪندا آهن- ڪراڙو سڄو وقت انهن کي چتائي پيو ڏسندو. سندس چهري جي ٻاوءَ مان ڪراڙو پرسڪون لڳندو آهي ۽ سندس وقت بنا ڪنهن بوريت جو گذري ويندو جيستائين وري اچي ڪو هن کي گئلري مان وٺي وڃي.

هو ويهي ويهي ٿڪجي پيو نيٺ اندر ڪمري ۾ هليو آيو- اها ئي اگرُي ڌپ پرسان واري فليٽ ۾ جيڪا فيملي اچي رهي آهي، اها روز اڌ رات جو گهر جي گند واري ٽوڪري اچي ٻاهر رکن ٿا جنهن مان سڙيل فروٽ ماني ڀور تي مکيون ۽ ٻليون اچي مڙنديون آهن ۽ ان گند مان اٿندڙ ڌپ سڌو هن جي سڄي فليٽ ۾ ڦهلجي ويندي آهي... هن جو اٿڻ ويهڻ


books.sindhsalamat.com

سمهڻ حرام ٿي ويو ته وڃي ڊور بيل وڄايائين. دروازو ٿورو کليو وري بند ٿي ويو هن انتظار ڪيو- ڪو به ٻاهر نه نڪتو- ڪمري ۾ موٽي آيو... مان ڪهڙي عذاب ۾ اچي ويم... هي ڪهڙي سزا آهي ڪين ڇئجي... اٿي اچي وري ڊور بيل وڄايائين ڪو جواب ڪونه وري وڄايائين در کليو ته هڪ ڀريل جسم سان ننڍاڪڙو ماڻهو نڪتو جنهن کيس سواليه نظرن سان پئي ڏٺو-

هن شاپر ڏي اشارو ڪندي چيس: هي ڇا آهي؟

....

گند جو شاپر ٻاهر ڇو ٿا رکو؟!

....

سڄي گند جي ڌپ سان اسان جي فليٽ ڀرجي ٿي وڃي

....

صبح جو گند وارو ايندو آهي هر هڪ جو در کڙڪائيندو آ... آواز ڏيندو آهي... هر ڪو وڃي گند ڏيندو آ .... توهان ان کي ڏيو ڪٽي ويندو باقي...

هو بنا ڪنهن جواب ڏيڻ جي در بند ڪري هليو ويو-

ساڳي طرح ٻي ڏينهن هڪ کان ٻه شاپر پيا هئا هڪ تيز ڌپ ڌاڪڙين کان هن جي فليٽ تائين ڦهليل هئي.

هن ڊور بيل وڄايو. ٿورو در کليو وري بند ٿي ويو ڪو ٻاهر نه نڪتو-

هن رڙيون شروع ڪيون الائي ڪهڙا ڄٽ اچي رهيا آهن... ڪا تميز ڪونه اٿن، جيئڻ حرام ڪري ڇڏيو اٿن-

هاڻي بالڪوني مان اٿي ڪمري ۾ اچي در هيٺان ٽيل وٺي ڪي ڪپڙي سان بند ڪري ايئر ريفشنر هڻي سمهڻ جي ڪوشش ٿو ڪري کيس ننڊ نه ٿي اچي.


www.sindhsalamat.com

سوچي ٿو جڏهن مان هن سان ڳالهايو ته هن ڪو جواب نه ڏنو... جواب ڏيئي به سگهيو پئي پلا جي چوي ها ته "منهنجي مرضي تون ڪير ٿيندو آن-"

"سائين سڄي ڏپ اسان جي فليٽ ۾ ٿي اچي."

چوي ها... ڏپ ته ڪاڏي به وڃي سگهي ٿي سڌي توڏي ڇو؟

پر-

پر ڇا؟

توهان سنو نه ٿا ڪيو

تون ڪير ٿيندو آن سنوءِ خراب سمجهائڻ وارو ٺيڪ آ.

ها... ها ٺيڪ آ.

ها اهو سڀ ڪجهه ايئن به ٿي سگهيو پئي..... ٿيون ڏينهن ڳئلري مان هيٺ ڏٺم هن سان ڪو هيو به هو ٻنهي ڳڏي هڪ مهل مٿي مون کي ڏٺو خبر نه آهي ڇا ڳالهايو هونداؤن هو به آفيسر پئي لڳو- ايئن ته نه آهي ته وڙهي نه پر ڪنهن ٻي ڳالهه ۾ ڦاسائي ته ڪلارڪ آهي... هي سڀ ڪجهه فليٽ، ايئرڪنڊشنڊ ۾ موٽر سائيڪل ڪٿان آنڊائين... بس ٺيڪ مون کي ننڊ ڪرڻ گهرجي... ٿڪجي پيو آهيان امڙ چوندي آهي ماڻهو کي محنت ۾ نه ئي عمر ڪراڙو ڪندي آ، ماڻهوءَ کي ته سوچون، خيال ۾ ڳٽتي ئي ڪراڙو ڪري ڇڏين... پر مان ڇا ڪيان، هن جڏهن صبح ڏاڪڻ تان لهندي مون کي ڏٺو ته اکين ۾ باهه هئس....ٺيڪ آ- مان هن سان ڳالهايو پر هن جي غير موجودگي ۾ هن جي در جي ٻاهران مون کي ڳالهائڻ نه کپندوهو-

ننڊ ڪيئن ايندي....ڇڏ انهن ڳالهين کي، اڄ- جميل پيسا گهريا.

پنج سئو روپيا گهرجن؟

ڇو؟

بس،


books.sindhsalamat.com

بس ڇو؟

ڪم ۾ آهن.

ڪهڙي؟

يار ڇڏ بحث کي پنج سئو ڏي ته مان ماريا کي سمنڊ تي وٺي وڃان-

مان به هڪ دفعو ماريا کي فلم تي وٺي ويو هئس هوءَ ڪمپني ڏيڻ جي ڏاڍي سٺي آهيپر- ڪجهه سال اڳ تمام گهٽي بارش پئي هئي سڀ رستا بند ٿي ويا هئا- آفيس ۾ مان ماريا، ڊاريڪٽر ئي پهچي سگهيا هئاسين- هوءَ سڄي آلي ٿيل هئي سانوڻ ۾ به ڪيس سردي پئي لڳي، هن جي بدن جو هر انگ ظاهر هو هوءَ اسٽور روم ۾ وڃي ڪپڙا لاهي نپوڙي چندي پائي ٻاهر آئي-

"مون کي گهر تائين ڇڏي ايندين؟"

ها-

ڪيس اڌ پنڌ ۾ اڌ تان مليل ٽيڪسي ۾ گهر تائين هن گهر مان ايئن نه ڇڏيوهو، ادرڪ مليل شامي ڪباب سان ماني پچائي کارائي- سندس هڪ ڀاءُ کي پوليو هيو، سندس پيءُ ريلوي جو رٽائيرڊ ملازم ڪراڙو ۽ سندس ماءُ واڻڙي ۾ خاموش ويٺي هئي-

مسواڙي رهندا آهيو؟

هون.....بس زندگي گذري پئي... صحيح پئي گذري.

ان ڏينهن کان مان ماريا کي ڪجهه نه ڪجهه ڪنهن نه ڪنهن بهاني ڏيندو آهيان-

پر جميل ڪنوارو آ-... هن کي به ته وقت گذارڻو آ-

زندگي به عجيب آهي رڳو ساري عمر ۾ ڪڏهن ڪنهن کي ڊپ ڇڏيو به آهي!

ڄمڻ کان هن مهل تائين پنهنجي مرضيءَ سان ٿهڻ گذاري آهي ابي امڙ- ڀائر ڀينر دوستن ۾ هاڻ زال ۾ ننڍڙي اولاد جي خاطر ئي ته گذاريان


www.sindhsalamat.com

ٿو. انهن جي پورائي انهن جي عزت انهن جي مستقبل جوئي ڊپ تہ آهي ٻيو ڇا آهي؟

جڏهن تہ منهنجا جوراٻا بہ ڦاٽل آهن. توڙي جو ڪوبہ نہ ٿو ڏسي ڪنهن کي بہ خبر نہ آهي پر تڏهن بہ اندر ۾ هڪ شرمساري آهي، اها شرمساري مون کي اڳتي وڌڻ کان روڪي پئي پر جي مان نوان وٺان؟ وٺي تہ سگهان ٿو .... پر حالتون الائي ڪهڙيون بيهن! نوڪري مان جيترو ميڙي سگهجي ميڙجي موقعا ڪنهن کي ۽ ڪڏهن ملندا آهن، ٻيا بہ تہ آهن منهنجي اسڪيل ۾...... پر مون جهڙي ٽيبل نہ اٿن -فضول ٿو سوچيان ٻلا منهنجي سوچڻ سان ٿيندو بہ ڇا ننڊ ڪجي ننڊ اچي بہ نہ، بابا چوندو هو پٽ عبادت ڪجي عبادت بہ ماءُ آ ڪنهن جي بہ ڪجي، عبادت سڪون ڏيندي آماءُ جهڙو جيڪو بہ ماڻهو عبادت نہ ٿو ڪري اهو اڪيلو ۽ ٻچڙو ٿي مرندو.پر منهنجو ڌيان ڪڏهن بہ عبادت ۾ لڳو ئي نہ آهي، ڪوشش ڪندس... ماڻهوءَ کي سڪون ئي ٿو کپي.

هن کي ڏاڪڻ تان لهڻ جي پيرن جا آواز آيا، آواز آهستي آهستي گم ٿي ويا، وري آواز هن کي ويجها ٿيندا ويا ..... ها چپل سان آهي- چپل جا آواز آهن- نہ نہ چپل جو آواز ... نہ نہ... بوٽ آ... وڏو بوٽ آ گسڪو منهنجي در وٽ اچي بيهجي ويو آهي، وري شايد هيٺ ٿو وڃي... در ڪولي ڏسان "نہ..." ايئن نہ تہ.... متان ڪو ڏک هٽي وٺي-

هن ڪن لاهي ٻڌڻ جي ڪئي آواز ڪو نہ ٿو اچي... هن کي لڳو ٻلي شاپر جي گند کي ڦلوري ٿي-

بدبو هن جي فليٽ ۾ تيزيءَ سان ڦهلجي وڃي ٿي هو اٿي گئلري ۾ پهچي بيهي ٿو. سانت لڳي پئي آ چوڌاري-

پٽڪي ٿو..... الائي ڪيترو وقت ٿيو هوندو- مان هرپرو فضول ٿو سوچيان.... بس خدا ڪري جلدي صبح ٿي-



books.sindhsalamat.com

## پوءِ........!

ٻلا سڄي زندگي تہ لوڙيو آ،هن سان ئي گڏ ئي رهيو آهيان. گهر- آفيس، آفيس گهر. ڪهڙي زندگي مون گذاري آهي، هڪ حد اندر محدود.

ٻلا ڪائنات ايتري بہ تہ محدود نہ آهي، ڇا نہ ٿو ٿئي... سڀ ڪجهہ ٿو ٿئي ماڻهو ڪيڏا خوش آهن- لٽي ڪپڙي اٽڻ ويهڻ ۾ لڳندو ئي نہ آهي تہ هنن کي ڪو ڏک هوندو، ايئن بہ نہ آهي تہ هن 17 سال مون سان نہ نڀايا آهن، پر ان نڀاءُ ۾ بہ ڇا منهنجو حصو نہ آهي؟

سر

هن آواز تي ڇرڪ ڀريو ۽ ڊسٽربنس سٺي نہ هوندي بہ هن کي سٺي لڳي-

اڪائنوٽنٽ صاحب ووئچر پيو گهري-

جي... ڏيانس ٿو.



www.sindhsalamat.com

هن دريءَ کان ٻاهر ڏٺو ساڳو اهڙو منظر هو جيڪو جيئن روز هوندو آهي جنهن ۾ ڪجهه به نئون نه. روڊ تي هڪ پاسي کان رڪشا ڪارون موٽر سائيڪلون اچن وڃن ۽ ڪجهه پيدل ماڻهو هئا-

مون کي اهو خيال ته گهڻي وقت کان هو موقعو نه پئي مليو نه چوڻ ڪپندو هو... چو ڪيس چيم..... چا ٿيو جي چيم -

پٽ

جي

منهنجي زال چئي وئي هئي ته مريم سڀ ڪم ڪندي آ

جي صاحب جيڪي چئو... ماني توهان منهنجي هٿ جي کائيندا آهيو ڪونه

ها پر

جي صاحب

پر اج دل ٿي چئي... توکي ڀاڪر پايان -

هُن ڪيس چتائي ڏٺو پنهنجو پورو ڪم ڪري بنا ڪجهه ڳالهائڻ جي گهران نڪري وئي.

اج ٽيون ڏينهن ٿيندس ڪم تي نه آئي سوچڻ لڳو... ڪيس چوڻ ۾ تڪڙ ڪيم آهستي آهستي ڪائنس حال احوال وٺان ها پنهنجو ٻارن جو سندس تڪليفن جو گذر سفر جو پوءِ ڳالهين ئي ڳالهين ۾ چوڻ ڪپندو هو... اجايو خوار ٿيس. مان تڪڙ ڪئي. مون کي ايئن چوڻ نه ڪپندو هو... الائي چو منهنجي ذهن ۾ اهو ويهجي ويو ته... جڏهن به هوءَ ٿانوءَ ڌوئيندي هئي صندلي رکي چولو مٿي ڪري چيلهه ظاهر ڪري اک ٽيٽ سان مون ڏي ڏسندي به.... ممڪن آ... ايئن نه هجي پر مون کي لڳو ته هوءَ ڀاڻ ڏانهن توجهه ٿي ڇڪائي بحر حال ان جو ڪٽي اهو خيال به هجي. پر منهنجي چوڻ جو انداز غلط هو... مون کي ايئن نه چوڻ ڪپندو هو-


books.sindhsalamat.com

هن سامهون ڏٺو اڪائونٽنٽ جو پٽيوالو ڏانهس پئي آيو هو اٿيو سيف مان بل ڪڍي ڪيس ڏنا -

صاحب توهان کي ياد به ڪري ٿو-

جي اچان ٿو

اهو ئي خيال هن کي مسلسل تنگ ٿو ڪري متان زال کي نه ٻڌائي... مان سمجهان ٿو ته هوءَ يقين نه ڪندي- سچي زندگي ته مان ڪيو ڪجهه به ته نه آهي نه هوءَ ايئن نه سوچيندي پر عورت آ سوچي به سگهي ٿي... عورتون هونئن به ايئن ئي سوچينديون آهن ته مڙد سڀ هڪجهڙا هوندا آهن پوءِ.... مون کي ان ڏينهن ئي مريم کان معافي وٺڻ ڪپندي هئي-

ڏس

......

ڏس... مون کي معاف ڪر...

......

هان

......

بس منهنجي زال کي نه ٻڌائجان!!

......

مان سمجهان ٿو جي مان ڪائنس معافي وٺان ها ته هو مون کي اجان وڌيڪ ڪمزور ڪري ها... روز ڪونه ڪو بهانو ڪري ها- ڪو نه ڪو ڪم وٺي ها- پوءِ سچي زندگي هوءَ مون کي ايئن ئي استعمال ڪندي اچي ها ته پوءِ....؟؟ چڱو ٿيو ته ايئن نه ڪيم هن کي چا آهي... سترهن سال گڏ رهندي به جڻ هوءَ منهنجي نه آهي- هن جي لاءِ جيڪي دنيا ۾ معتبر آهن ته هن جا ٻائر مان جيترو به بهتر هجان. ته به نه هوندو آهيان هن لاءِ جيڪو به بهتر ڪم ڪير ڪري سگهن ٿا. اهي هن جا ٻائر ئي -

هي گيس جو چلهو آندو اٿئي


www.sindhsalamat.com

چو... ڇا ٿيو؟

”هي گيس جو چلهو آ باهه ئي صحيح نه ٿو ڏي لڳي ٿو چلهو ليڪ به آ- گئس جي بوءِ ٿي اچي- ادا ... ان ڏينهن گيس جو چلهو وٺي آيو ٻن هزارن ۾ هن کان وڏيڪ سنو آ... توکي ته ڪم چئجي ئي نه“.

هن وڏيڪ سوچڻ ئي نه چاهيو پئي ڌيان ٻي طرف ڪرڻ جي ڪوشش ڪرڻ لڳو-

سوچيائين. پيشاب ڪري اچان. هو پيشاب ڪرڻ لاءِ اٿيو وري ويهي رهيو هن ڪجهه ڏينهن اڳ اسٽور جي صفائي ڪرائي سڀ فائيل ۽ سامان باٿ روم ۾ رکرايا هئا- ڏهن ڏينهن کان پوءِ اتان سامان ڪڍي اسٽور ۾ رکائڻ لاءِ در کوليائين ته پاريهر پڙڪو ڪائي هول مان اڏامي ويو هن ڏٺو ته شينڪ ۾ آنا هئا هو آري تي هو هن باٿ روم ۾ وڃڻ ئي ڇڏي ڏنو-

سوچي ٿو... اڳ ڪيئن سڄو شهر وٽن جي وچ ۾ هو هاڻي شهر ته ٺوڙهو ٿو لڳي پکي ڪٿي ويهن پکي ته ڪائنات جي معصوم مخلوق آهي-

ڊاڪٽر لهي هيٺ وڃي رهيو هو ته ڏٺائين سامهون اياز کي. جيڪو هر وقت خوش باش بوسڪي جو وڳو. هٿ ۾ سگريٽن جو پاڪيٽ اياز ٻڌايو هئس ته ”سول اسپتال جي OPD پاهران موٽر سائيڪل بيهار ڪانه ڪا ايندي ڪڍي هليو وڃ هلڪو ٿي اچ زندگي اها ٿي ڏک ئي نه. گهم ڦر گهم ڦر استاد“-

اياز سان صلاح ڪيان؟؟ سوچي ٿو... ”اياز يار. غلطي ٿي وئي آهي صلاح ته ڏي... اصل ۾ مون کان ٽڪر ٿي وئي... ڪم واري کي ڇيم... جلديءَ ۾ نه چوانس ها... پر هاڻي اهو ڏپ آ ته... زال کي نه ٻڌائي“.

هن ڪنڌ ڌوڻيو... نه نه اياز طبيعت جو هلڪڙو آ- سڄي آفيس کي ٻڌائيندو پوءِ منهنجو ڪهڙو مان رهندو... هر ڪو چوندو آهي ته خالد... خالد شريف آهي ماڻهو اچ ڪلهه ڪاٿي آهن... ۽ پوءِ... سپريٽنڊنٽ ڇا


books.sindhsalamat.com

سوچيندو؟ سوچيندو ڇا پنهنجو تڪيو ڪلام مون کي ڏسي مون لاءِ استعمال ڪندو ”ابول... ادا... ادا ملڪ ويو رهڻ کان ادا“- اڄايو تڪڙ ڪيم... ايئن ڪرڻ نه کپندو... ڪرڻ کپندو هو يا نه پر ڪجهه ٿيڻ ۽ نه ٿيڻ ۾ ٻنهي جو عذاب ٿو پوڳيان... ڇاڪجي؟ ياد ٿو پويس-

ننڍپڻ ۾ اونهاري جو اڱڻ تي هن جي اک کلي وئي هن ڏٺو ته اونڌهه ۾ سندس پيءُ ماءُ جي مٿان هو هن کي اهو سڄو عمل سنو نه لڳو هو ماءُ کي ان حالت ۾ ڏسڻ ته ڇا سوچيو به نه هو- ان ڏينهن کان پيءُ جي مرڻ تائين هن جي دل جي ڪنهن به ڪنڊ ۾ پيءُ لاءِ احترام نه رهيو.

۽-

پوءِ جي منهنجي ٻارن کي خبر پئي ته هو منهنجي لاءِ ڇا سوچيندا؟ جڏهن ته ڪجهه ڪيو به نه آهي- انهن لاءِ ته ڪرڻ ۽ نه ڪرڻ ته معنيٰ نه رکندي اصل ته هو منهنجي لاءِ هنن جي ذهن ۾ شڪ ۽ دل جي ڪنهن به ڪنڊ ۾ هميشه لاءِ ڏک رهجي وڃي ته؟...پوءِ؟؟

هونه..... پلا جڏهن به مون کي ضرورت هوندي آهي ته جواب ۾ چوندي ”اڄ نه مٿي ۾ سور آ... ٿڪل آهيان... دل نه ٿي چوي... پلا روز روز نهي ٿو... سياڻي“- پلا خواهش ته ڪهڙي وقت به ٿي سگهي ٿي اها ڪنهن مقرر ٽائيم تي ته نه ٿيندي نه ٻک ته ڪنهن وقت به لڳي سگهي ٿي...

اوچتو گهر واري جي فون آيس-

هلو

جي

مان گهر پهچي وئي آهيان؟

تون ته سياڻي لاءِ ڇيو هوا؟؟

ها ادا وارا شهر اچن پيا ته ڊبل خرچ چو ڪيون هلي آيم-... مائي ڪم واري کي به گهرايو آهي سڄو گهر ڪنو لڳو پيو آ... بس هڪ


www.sindhsalamat.com

ڪم ڪر تون منجھند جي ماني آفيس ڪينٽين تي کاءِ ۽ ھي سامان وٺيون اچو ڏھي، برياني مصالحو اڌ ڪلو ڪير، ٽماٽا، بصر، پٽاٽا، مرغي -

سوچڻ لڳو ٺيڪ آ جي مائي ٻڌايس بہ تہ چوندو مانس پاڻ ئي شروعات ڪئي ھئائين... پاڻ ئي اھڙو خيال ڏيکاريائين... مان... مان تہ وري بہ ڪجھ نہ ڪيو ڪجھ بہ تہ نہ ڪيو نہ -

گھر ۾ داخل ٿيو تہ ڏٺائين جوٽس کٽ تي ميرا ڪپڙا گڏ ڪري رھي ھئي. مائي پوڇي پئي ڏني - سوچيائين تہ ڀھاري کان پوءِ پوڇي معنيٰ تہ گھر جو سڄو ڪم ڪري وئي آھي جوٽس جي منھن تي مرڪ ھئي، سامان کيس ڏئي تڪڙو بيڊ روم ۾ آيو -

سوچي ٿو - لڳي ٿو مائي ڪجھ نہ ٻڌايو اٿس پر جي مان ڪانئس اڳ ئي معافي وٺي ڇڏيانس...

ھڪ ڳالھ چوانءِ

......

ھونه معاف ڪندين؟

......

ھڪ غلطي ٿي وئي آ مون کان

......

اصل ۾ مان مائي کان... ايئن تہ نہ مان اڃان ڪجھ چوان ئي ۽ ھوءَ رڙ ڪري چوي تہ : بس ھاڻي بس ڪر - مون کي سڄي خبر آ...

تہ پوءِ؟



## مئل من.اونده انڌوڪار

سج ٻڏي ويو تہ ھڪ اداسائي ڇڏي ويو - آسمان تي ڪڪرن مان ڇٽندڙ روشني ايئن عڪس پئي ٺاھيا - جڻ ڪو آرٽسٽ، ھڪ وڏي ڪينواس تي تڪڙا تڪڙا اسٽروڪ ھڻندو ھجي - ھر گھڙي الڳ تصوير پئي لڳي - آسمان اونداھو ٿيندو ويو ڪڪرن ۾ -

سمنڊ، موٽ ڪائي رھيو ھو - ايئن جيئن گلاس ۾ بيئر تيزي سان ايندو آھي گج ٺاھي آھستي آھستي موٽندو جوانيءَ وانگر پڙڪو ڏئي وري آھستي آھستي موٽي وڃي -

سمنڊ ڪنارو ٽم ٽم ڪرڻ لڳو - ھيٺ جڻ تہ ڏياري ھجي نظر ڪٽڻ تائين ٻتين جي رم جھم. ساڳيو ڪنارو منجھند جو رنگ برنگي ڇٽين، ٻڪنين ڪڇن سان پوپٽ رنگو ھو -

ٿ-

هاڻ، هوٽئي هڪ ٻي جي سامهون ويٺا آهيون.

بيئر جو پيپ پرسان پيل اٿن-

گهنڊيدار وار- هُن جا هوا ۾ وکريل آهن- اکيون خماريل اڄ صبح کان گڏ آهن، هڪ ئي سيٽ تي ويٺا هيا- هن جي هٿ ۾ ڪتاب هو- Last Days of Buddha -

ويهندي ئي ڪتاب ڏسي کيس چيائين:گوتم، وٽ فراريت نہ هئي!؟

اکين ۾ ڏسندي چيائينس:"جي"

گوتم جي فلاسافيءَ جي سوسائٽي ۾ ڪا ايپليڪشن آهي؟

"معنيٰ؟"

معنيٰ تہ جيستائين ڪو بہ فلسفو خيال مذهب معاشري ۾ ڪو قانون ڪو معاشي پروگرام نہ ٿو ڏي تہ، ان جي عمر، ان جي اهميت ايتري آهي جيتري هڪ خوبصورت خيال ۽ سوچ جي جنهن ۾ صرف ذهني عياشي ئي ڪجي.

سچو ڏينهن گڏ رهيا تہ اهڙو هُنن اظهار بہ ڪيو تہ "هڪ نيچرل فريڪيونسي هئي ٻنهي ۾، جنهن هڪ ٻئي جي فريڪيونسي کي Reinforce ڪيو"، ۽ ٻئي هڪ ٻئي لاءِ اڻ ڄاتل هوندي بہ نہ رهيا، ٻنهي سڀ- سڀ پئي ڪيو بيئر کي-

سريلنڪا ڇو آئي آهين-؟

"تڪ پيچڻ"

اوه!

ڇا ٿيو-؟

مان بہ ٿڪجي پيو آهيان.... تڏهن تہ گهر کان نڪتو آهيان.

آسمان ۾ پندرهين جو چنڊ ڪڪرن مان نڪتو سمنڊ چاندي ٿي ويو-



بڌُ- مان وسڪي بہ پيئڻ ٿو چاهيان- ۽ تون؟

بس- بيئر صحيح آ-

هن چيني ويٽر ڇوڪري کي آرڊر ڪيو- "بلڊي ميري-"

اڄ بلڊي ميري پي ڏسان- هن جي اکين ۾ چتائي ڏسندين چيائين "تون پيتي آ"-

نہ-

خبر اٿي بلڊي ميري جي تاريخ جي؟

نہ-

هيمنگوي جي زال کي اهو پسند نہ هو تہ هو وسڪي پئي. هن هڪ دفعو بار واري کي چيو "اهڙي ڪاڪٽيل ٺاهي ڏي جو گهر ۾ بہ آرام سان پي سگهان-"

پوءِ!؟

هن هيمنگوي کي ٽماٽن جي رس ۾ ڪاڪٽيل ٺاهي ڏني- هيمنگوي جو موڊ ٺهي ويو تہ بار واري سان تاڙو ملائيندي چيائين. "اوه- بلڊي ميري-".... ۽ پوءِ سندس زال "ميري" کي آخر تائين خبر نہ پئي-

ڏسو-

جي-

اسان جي هڪ شاعر هيمنگوي تي ڏاڍو سٺو نظم لکيو آ-

پڙهاءِ-

ميڊرڊ ۾ موت

نسن ۾ رت-

برف ۾ ٺنهنجي قدمن هيٺان ڊيزيءَ جا گل، اسپين ۾ ڏڻ، جلوس کان سواءِ!!

اسپين جي ڏک جي انتها ڪونهي

ڪنهن جي لاءِ هي گهنڊٽيون وڃن ٿيون



www.sindhsalamat.com

books.sindhsalamat.com

لوارڪا خاموش آ -

نظم وٽئي ٿو... يا نہ؟؟ هنڪيس چيو.

ها يار لوارڪا بہ عجيب شاعر آ -

ها -

لوارڪا تي پوءِ ڳالهايون ٿا مان نظم پورو ڪيان -

لوارڪا خاموش آ -

لوارڪا خاموش آ.......

هوءَ روهاٽڪي آواز ۾ وري چوڻ لڳي.

نظم تہ ميڊرڊ جي گهٽين لاءِ آ - پر منهنجي وطن عراق جا جهنگ جبل ميدان رڳو شهيدن جي رت جي گلن سان ڀريل آهن -

هُن وري نظم پڙهڻ شروع ڪيو-

لوارڪا خاموش آ -

گلاب ڪٽوري ۾ رت -

سرڪاري محافظن جي ٽوپين ۽ گرزن جي هينان.

پينگهن ۾ ٻارڙن ٿا -

لوارڪا خاموش آ -

۽

ميڊرڊ ۾ تون -

تون..... تنهنجو پيارڪاوڙ لفظ ۽ هڪ جيئرو ڀرندڙ جبل ڪنهن جي لاءِ هي گهٽيون وڃن ٿيون تون خاموش آن -

رت, بسترا - جهنگن ۽ ميدانن ۾ وڪريل آهن -

واہ - واہ..... واہ - واہ

هن نظم پورو ڪري بيئر سپ ڪيو -

عينڪ لاهي هٿ سان وهندڙ ڳوڙها اگهيا -

روئين ٿي؟ -


books.sindhsalamat.com

ها -

ڇو؟

يار منهنجو وطن ڏاڍو ڏکين حالتن مان ٿو گذري.... عراق جنهن دجلا فرات جي ڪنارن ئي تهذيب ڏني ادب ڏنو... سڪيو ستابو ملڪ ۽ اڄ اهو ملڪ بک ٿو مري... اسان وٽ اسان وٽ, هاڻي عورت سستي آهي... ڊبل روٽي مهانگي آهي -

هوءَ سڏڪڻ لڳي -

ڏس - عراق تہ ڇا پر دنيا جي اڌ کان وڌيڪ آبادي بک تي آ.

ها -

پر - منهنجو عراق سدائين حق ۽ باطل جي جنگ ۾ رهيو آهي - جتي زينب يزيد کي للڪاريو ۽ اڄ!

اڄ..... هوءَ سڏڪندي چوڻ لڳي - اسان جو هر ماڻهو ۽ معصوم ٻار وڙهيو آ هاڻي تہ ايئن ٿو لڳي - عراق تہ حسين آ - حسين عراق آ... پر اڄوڪو عراق تہ هڪ سڏڪو آ -

هوءَ سڏڪڻ لڳي.

ٻڌ -

ٺورو - ٻلڊي ميري کي سپ ڪر -

نہ -

سپ ڪري ڏس.... هيمنگوي جي ڇا تہ ٽيسٽ هئي.

مان جڏهن ڪاليج ۾ هيمنگوي جو ناول - ”اولڊ مئن اينڊ سي“ پڙهايو پئي تہ هڪ شاگرد پڇيو

" Man can be destroyed but not defeated"


www.sindhsalamat.com

شاگرد وراڻيو.... پر- هن ته سماج ۾ شڪست کاڌي ۽ پاڻ کي گولي هڻي تباهه ڪيو "چو؟" -

چو؟ -

هوءَ چپ-

پلا چو مارياڻين پاڻ کي.... جڏهن ته هو هر وقت متحرڪ هو- ڪڏهن به هڪ جاءِ تي نه ويٺو رلندو رهيو-

پوءِ به-

.... تو کي خبر آ-

اصل ۾ مان بيئر جي مزي ۾ هلي وئي آهيان پر چون ٿا- هو ڊائبيٽڪ ٿي پيو هو- پوءِ ڊپريشن ۾ هليو ويو-

اصل ۾ ايئن به هو ته هن وٽ عورت لاءِ ڪا ڪشش نه رهي انڪري به ٿي سگهي ٿو-

پندرهين جو چنڊ آسمان تي ظاهر هو- آهستي آهستي سمنڊ ۾ جوش پئي آيو.

بئي پيين ٿا-

هو چوڻ لڳس-

ڪالهه چوڏينهن جي چانڊوڪي ۾ ڪجهه نه مليو- خبر نه هئي موڊ ئي نه ٺاهي سگهيم مزو نه آيو... سڀ بار ۽ دوڪان بند هئا-

ها-

اسان وٽ فل مون کي انجواءِ ڪبو آهي ۽ هت وري عبادت ڪن-

اچ- سونامي جي ياد گار وٽ ويهي رهين-؟؟

بس ايئن ڏک ٿيو- مون کي ته لڳندو آهي. غريب وٽ مصيبتون به گهٽيون غريب ملڪ وري مٿان سونامي...... مان گل رکي. بس ويٺي رهيس- گل رکڻ مهل اتي ڪتو سمهيو پيو هو- گل رکيا ته هن صرف اکيون کوليون ۽ پڇ لوڏيو- ان مهل ڪتو مون کي وڏو فلاسافر لڳو- ڊايو



جينس ڪان به وڏيڪ جنهن سڪندر اعظم کي چيو: "پري ٿي بيهه مون کي- اس مان مزو وٺڻ ڏي-"

مون کي وري گائيڊ چيو پرسان "مون اسٽون" جي ڪاڻ آهي- اتان ٿي اچون ۽ به ٿي ڇٽا اوڏانهن وياسين-

الاچي جي باغن جي وچ ۾ مون اسٽون جي ڪاڻ ۽ اتي ئي هڪ خوبصورت دوڪان هو- مون کي ايئن لڳو صرف اسان کي ڦرڻ لاءِ ٺاهيو ويو هو ڏاڍو مهانگو هو-

سليز مين عجيب ڏند ڪٿائون پئي ٻڌايون-

ڪهڙيون-؟

ته- چوڏينهن جو چنڊ هن ڪاڻ مٿان ئي سڌا ڪرڻا ڦٽي ڪندو آ- تڏهن مون اسٽون ٺهندو آهي-

ائين هوندو!؟-

نه-

پر ٻڌ ته... چوڏينهن جي رات جو جيڪو مون اسٽون پائيندو ته محبوب کي ضرور پسندو اها ئي ڳالهه صحيح ڪيائين-

.....

ڏس تون تڏهن ته منهنجي سامهون آن-

.....

پريمي پيار کي امر ڪرڻ لاءِ مون اسٽون ڏين هڪ ٻئي کي ۽ هيءَ مندي تنهنجي لاءِ-

هنڪيس نفيس آڱر ۾ مندي پارائي سندس هٿ کي چميو- اکين کي چميو- وارن کي چميو-

اچ تون مندي پارائي آهي- مان ته Un married آهيان- هاڻ 40 جي آهيان شادي ڪيان ته چا نه ڪيان ته چا؟!

چو.... نه ڪيئي شادي؟

بس خوف رهيو-

ڇا جو؟

....

ڳالهہ ڇوانءِ-

جي-

عينڪ پاءِ-

ڇو!؟

مون کي تنهنجو چهرو اوپرو ٿو لڳي-

وراٽياڻين- سڀ مون کي بنا عينڪ جي ايئن ئي چوندا آهن-

سچ ٻڌايانءِ

ٻڌاءِ-

عينڪ منهنجو ڪانفيڊنس آ-

ها؟-

جي-

جڏهن مان- 10th پڙهندي هئم تہ نوٽس پر واريءَ ڪان اتاريندي هئم بورڊ تي لکيل نظر نہ ايندو هو- هوءَ مون کي وڌيڪ هوشيار لڳندي هئي. پر، پر جڏهن مون عينڪ پاتي تہ دنيا ئي ٻي هئي سڀ ڪجهہ ٻيو هو وڻ ٽڻ، چنڊ چٽو ٿي ويو- ڏنڌلا ستارا روشن ها آسمان نہ هو منهنجي لاءِ نئين ڪائنات هئي-

هوءَ روئڻ لڳي-

روئين ڇو ٿي؟-

ڏک ٿو ٿئي؟-

ڇا تي؟-

پاڻ تي-

ڇو؟



بس-

پوءِ بہ؟

ان ڳالهہ جو منهنجي عينڪ سان واسطو نہ آهي-

ڪهڙي ڳالهہ آهي؟

اسان ڏاڍا غريب هئاسين-

ها پر مان تہ اڃان بہ آهيان-

ها پر هڪ گهر هو ڊگهو مستطيل جنهن ۾ ڪوبہ روشندان نہ هو ٽن طرفن کان وڏا گهر هئا- اسان ڄڻ کوهہ ۾ رهندا هئاسين ڏيڏرن جيان-

هن پيپ مان بيئر جو گلاس پريو گلاس ۾ بيئر جي ڄڄ ۾ هڪ جوش هو-

ٻڌ-

دل ۾ نہ ڪجانءِ-

بيئر جڏهن بہ پرين تہ گلاس کي ٽيپ وٽان ٿورو ليٽائيندي ڪر تہ ڄڄ نہ ٿيندي بيئر ايئن اوتبو آ-

Sorry

خبر تي پوءِ ڇا ٿيو اسان کي ڀاءُ ڪونہ هو پنج ڀينرون هئاسين-

هونه.....

بابا ۽ امان جي وڏي خواهش هئي تہ پٽ ڄمي هر ڀار سان هو ڪپڙا نہ وٺندو هو- پٽ ڄمي تہ پوءِ وٺندس بابا اسان جي ٻن وڏين ڀيڻن جي ڳڏي شادي ڪرائي-

هان-!

مان گهٽو تہ نہ ٿي ڳالهايان-

نہ .....نہ-

مون کي اچ ڳالهائڻ ڏي.... ڳالهائڻ ۾ مزو ٿو اچي.... پوءِ- اسان جي پيڻ کي اولاد ٿي سپ پٽ..... پر- اُن جو مڙس ڊرائيور هو ايڪسيڊنٽ ۾ مري ويو-

هن روئڻ شروع ڪيو-

نہ روؤ- نہ روؤ-

اچ روئڻ ڏي..... هوءَ پنهنجي اولاد کي پالي نہ پئي سگهي- جڏهن تہ هن کي هلڪي نوڪري بہ هئي پوءِ اسان جي چاچي جنهن کي اولاد نہ هئي- ان هن کان پٽ گهريو- ان کي ايڊاپٽ ڪيو- هوءَ موڪلن ۾ چاچي وٽ ويندي هئي پٽ کي خوبصورت ڪپڙن ۾ مهانگن رانديڪن سان کيڏندي خوش ٿيندي هئي-

۽ پوءِ-؟؟

پوءِ- هڪ ڏينهن اها پيڻ ۾ مون کي چنبڙي رڙيون ڪري روئڻ لڳي.... هن سڏڪڻ شروع ڪيو- سڏڪندي سڏڪندي چيائين- چاچي هڪ عورت سان ٻي شادي ڪئي ان مان پٽ ڄايس -

هوءَ سڏڪڻ لڳي-

پوءِ- منهنجي چاچي ان ٻار کي پاڻ وٽ نوڪر ۽ ڊرائيور ڪري ڇڏيو-

عينڪ پاءِ-

.... ڏس مان گهٽو پيتو آ ڇا؟؟

ڇو؟

گهٽو تہ نہ ٿي ڳالهايان؟؟

کيس چيم: دنيا کي ڏس ۽ محسوس ڪر زندگيءَ مان مزو وٺ-

”وتان پئي“

زندگيءَ کي سمجهڻ لاءِ مون کي تہ هيمنگوي جي ڪهاڻي
The Snows of Kilimanjaro ڏاڍي وڻندي آ.



books.sindhsalamat.com

ها-

توکي ڪيئن لڳي-؟-

مون کي ايئنلڳي ٿو تہ هيمنگوي جي زندگيءَ جو نچوڙ آ- اها ئي ان جي زندگي اها ئي هن جي آتم ڪهاڻي آ-

زبردست-

ڪهاڻي جي شروعات ۾ ڏس لکي ٿو ”جنهن چيتي جو هڪ سڪل ۽ جمي ويل مڙهہ پيل آهي ڪوبہ اهو سمجهائي نہ سگهيو آهي تہ ايتري بلنديءَ تي چيتي ڇا پئي ڳولهيو-

واه- واه-

تون ٻڌاءِ-

اهو ئي جيڪو هيمنگوي پئي ڳولهيو؟

مان نہ سمجهيو-!

اصل ۾ مون کي لڳندو آ اهو چيتو ئي هيمنگوي آ.... بلندين کي ڇهندڙ.

پر-

پر؟

هن کي ساٿ کپندو هو-

ڪنهن جو؟

عورت جو-

هن کي تہ ان ڪهاڻي ۾ عورت بہ آهي جيڪا کيس پيار ڪري ٿي شڪار ڪري شڪار جو سوپ بہ پياري ٿي-

ها پر-

پر ڇا؟-

اتي گهٽو ڪجهہ مڪينڪل نہ آ-

ڪيئن؟



www.sindhsalamat.com

اتي هيري کي گينگرين آ-

پوءِ-؟

پوءِ ڇا يقينن هو منڊو ٿيندو ٽنگ ڪٽبس-

ٽنگ ڪٽجي نہ بہ سگهي ٿي-

ها- پر ان ۾ پيار کان وڌيڪ همدري ٿي لڳي-

ايئن سوچي سگهجي ٿو- هن روهاڙڪي انداز ۾ چيو: موت جي هيمنگوي جي ڪهاڻي ۾ ڀرپور ڊيفينيشن آ. هڪ جهاز اچي ٿو آهستي آهستي مٿي ڪٽي اڏامندو ڦهلي هلندو- زندگيءَ جي حال ۽ ماضيءَ جا منظر آهستي آهستي ڇٽا ٿيندا ٿا وڃن ۽ ڪلمجارو جي چورس چوٽيءَ تي اس جهڙو خوبصورت موت ٿئي آهي-

ها-

باقي ٻين ماڻهو لاءِ جيڪي جيئرا آهن موت هڪ چراغ جي رڙ آهي.

واه، واه-

تون ڪيڏي نہ خوبصورت انداز سان موت کي سمجهيو آهي-

موت ۽ زندگي- هڪ سائيڪل آهي. هلندي ۽ ڦرندي ٿي رهي، زندگي موت ۾ موت زندگيءَ ۾ بدلبو ٿو رهي-

جي

ٻڌ

پاڻ ڪيڏو هڪ ٻي جي ويجها آهيون-

مطلب-

تون عراق نہ وڃ-

ڇو-

پاڻ اجهان گڏ رهون-

ڇو-


books.sindhsalamat.com

اڪيلا اجهان سريلنڪا کي ڏسون هتي تہ ٽورسٽ ڪمپني جي مرضي سان گهمياسين-

ها پر-

پر ڇا؟

وڌيڪ موڪل نہ آهي گهٽا ڪم بہ آهن-

وري بہ سوچ-

جي-

صدام جي موت کي ڪيئن ٿي ڏسين-

.......

ايئن- جيئن ڇي گويرا جو موت.... ڇي بہ وڙهي مئو-

صدام تہ بنياد پرستن جي مدد ڪئي، آمريڪا جي چوڻ تي هو وڙهيو بہ هو-

پر... اها ٻي ڳالهہ آهي تہ عراق کي هن ناهيو تيل جو واپار ڪري.

صحيح آ- پر، پر مان هن کي هيرو ٿي مڃان-

پلي- تو وٽ هيرو هجي پر-

Once a traitor always traitor

Shutup - تون ڪيئن ٿو جرئت ڪرين هڪ ڌرتي جي پٽ لاءِ...

اهي لفظ ڳالهائي.

Sorry

Shit

هن رڙ ڪري چيو توسان ويهڻ اهڙو ئي آهي- چراغ جي رڙ جهڙو وحشت ۽ نفرت جهڙو..... وحشت ڀريل ماحول ٿي لڳندو هاڻ هوءَ هڪ ڳيت سان گلاس خالي ڪري اٿي-

پليز

.....


www.sindhsalamat.com

Sorry

هون-

پڌ-

هون...

مان وڃان ٿي-

پڌ ته-

-No -No

توکي ڪوبہ حق نہ هو ڪوبہ حق نہ هو صدام هيرو آ- هيرو آ-

هوءَ- ڪاوڙ مان اٿي هلي وئي- آسمان ڪڪرن سان ڍڪجي ويو- اڌ ٻتيون ڪنارن جون ۾ بار جون اڄهامي ويل هيون هو اٿيو- وڃي ان ڪرسي تي ويٺو جنهن تي اڳ هوءَ ويٺل هئي- سامهون ڏٺائين ڪيس پنهنجي ڪرسي خالي لڳي-



## ويران رستا، سوڙهيون گهٽيون

جيئن ئي هن تي وي هلائي تہ سامهون ڪجھ هرڻيون ٻيڻل ڏٻي مان پاڻي پي رهيون هيون تہ تاڙ ۾ ٻيٺل چيتي اوچتو جمپ ڏئي، هڪ هرڻيءَ پنيان ڊوڙيو.

رٽائيرمينٽ کان پوءِ سندس وڏي خواهش اها هئي تہ سندس پٽ تي ٽنگيل ٽي وي هجي ۾ هاڻ هن جي وڏي مصروفيت ۾ عياشي اها ئي آهي-

ڏسي ٿو چيتو هرڻي پنيان تيز ڊوڙي ٿو-

ڪمري ۾ هلڪو اوپر ۾ ٻوءَ آهي ڪجھ ٽائيم اڳ سندس نندي ڀيڻ آئي هئي جنهن چيس هي منهنجي نياڻي بيمار آهي... خبر اٿئي دوائون ڪيتريون مهانگيون آهن ڊاڪٽرن جون فيون ان کان الڳ، پري نہ ٿي سگهان... اسان جون حالتون سٺيون نہ آهن- غربت ڏاڍي آهي ڪجھ

بچيو نہ آ... تون مدد ڪندين تہ مهرباني ٿيندي باقي موٽائي ڏيڻ جي توسان ڪا داعوي نہ ٿي ڪيان... نہ ئي ڪو واعدو جڏهن بہ طاقت ٿي تہ مان موٽائيندس نہ ٿي تہ پوءِ بخشي ڇڏجان...

هن ٻن ڏينهن کان پوءِ ڪجهہ پيسن ڏيڻ جو واعدو ڪيس -

چيتي کي هرٽي پنيان ڊوڙندي ڏسي سوچي ٿو... هر ڪنهن کي هن دنيا ۾ صرف پيٽ ئي پرٽو آهي - سجي هڻ وٺ رڳو پيٽ لاءِ ئي آهي - هي بہ ساري جمار ڊوڙي ڊوڙي وچي مس تا جيڪو ٿيو آهي هاڻ نہ ڪنهن کي "جي سر، جي سر" ڪرڻ جو فڪر نہ ئي وقت جو اونو. باقي روز صبح جو شِيوِ ڪري ونهنجي ڪپڙا بدلائڻ جو نيم ساڳيو ئي رکيو اٿئين -

تي وي ۾ ڏنائين گهاتي جهنگ ۾ چيتو ڊوڙي ٿو اڳيان هرٽي آهي وٽن تان پکي ٿاه ڪائي آسمان ۾ اڏامن ٿا هي پاڻ کي بہ جهنگ ۾ وينل محسوس ٿو ڪري پيڻ واري ڳالهہ هن جي ذهن ۾ اجان وجود رکي ٿي -

هن کي ياد آهي ريٽائرمينٽ واري ڏينهن اسڪول ۾ ماسترن هن جي مان ۾ منجهند جي ماني ڪئي هئي، گلن جي هارن سان هي اسٽيج تي وينو هو لفظ پئي ٻڌائين.

"سائين کي رٽائيرمينٽ جي مبارڪ هو سالم هو صحت سان ۽ پنهنجي هٿن سان پنهنجي ميڙي چوندي ونندو..." هن تہ خزاني آفيس جا مسلسل ڌڪا کاڌا. جڏهن ڪاغذ پئي نهريائين تہ پنهنجي اداري ئي هن کي مسلسل ٻن مهينن تائين رلايو ڪڏهن هي پنو نہ آهي، ڪڏهن ڪو ڪاغذ پيا گهرنس منائي ڏئي مس وچي فائيل پورو ڪري اچي خزاني آفيس پهتو- سال جي مليل پگهارون ڪٽي جيئن گهر ۾ آيو تہ ڌڪ ۾ ورتل هو ايجنٽ کي پنج پرسنٽ پئيسا ڏيڻ کان پوءِ هن کي پهريون خيال سيڏي واري جو آيو جنهن وٽان سال کان سيڏو کڻندو رهيو دل ئي دل ۾ حساب ڪندو ويو- درزي- ميڊيڪل اسٽور- ڪپڙي وارو ۽ اوڌر شادين مرادين تي ورتل باقي هن وٽ ڪجهہ ئي پيسہ وچي بچيا -


books.sindhsalamat.com

چيتو اجان بہ هرٽيءَ پنيان هو هرٽي جون ڊپ ۾ تارا ٻاهر نڪتل گوهيون ڏيندي ڊوڙندي پئي وئي -

ڪجهہ ڏينهن اڳ سندس ننڍو ڀاءُ آيو هو جنهن کي هن پڙهايو ۽ شادي بہ هن ئي ڪرائي هئس. جنهن زال جي چوڻ تي سندس گهر ڇڏي ويو. ڇڏيائينس ان وقت جڏهن ڪيس ڀاءُ جي سخت ضرورت هئي گهر اڪيلو هئس. ٻار اجان ننڍا هئس سندس بدلي ٻي شهر ٿي - هن گهر کي اڪيلو ڪرڻ نہ پئي چاهيو- اسڪول کان موٽيو تہ گهر جي آڌو گڏهہ گاڏو ڏنائين جنهن تي کٽون- هنڌ- ٿانون- پيٽي ۽ ڪرسيون پيل هيون- ننڍو ڀاٽس گاڏي ۾ سامان رکرايون بيٺو هو-

خير تہ آهي؟

جي ادا -

چو... چا ٿيو-

.......

ٻڌاءِ نہ... چا ٿيو؟

گهر ۾ روز ڪروڌ آ مايون ٿهن ئي ڪونہ ٿيون مان جدا وچي ٿو رهان-

ايئن نہ ڪر

نہ ادا... بس-

ڏس ويهون ٿا ڳالهايون ٿا... معاملا سڌا ٿا ڪيون-

نہ ادا -

جڏهن هو زال وٺي نڪري ويو تہ هن کي گهر کائڻ پئي آيو منهن تي انگوچو ويڙهي ليٽي پيو لڳس پئي تہ جڻ اج گهر ۾ قضيو ٿيو آهي -

اهو ئي ڀاءُ آيو هوس چيو هئائينس: پلاٽ تي جاءِ نهرائڻ لاءِ بينڪ کان قرض ڪنيون

پوءِ-؟


www.sindhsalamat.com

جيڪو وچي ٿو وڏندو لهي نہ ٿو... هڪ قرب ڪيو-

ڪهڙو؟ -

اڍائي لک ڏي... مان بينڪ وارن کي ڏيان-

....

ادا پريشان نہ ٿيو بينڪ واري قسط توهان کي ڏيندس وياج مان رڳو جان ڇٽي-

.....

توهان جا پئيسا سون جهڙا-

ڪيئن گريجوئيٽي ۽ پينشن جا پئيسا وٺڻ لاءِ ڪيترو خوار ٿيو ڪلارڪن جا نخرا- ڪڏهن ڪهڙا اعتراض ڪڏهن ڪهڙا- نيٺ سندس ئي ماستر دوست چيس: ”ادا تون رڳو بہ پرسنٽ مون کي ڏي مان سجو ڪم ڪار ڪرائي توکي اچي هٿ ۾ چيڪ ڏيندس“. هن کي لڳو ڇهہ مهينا رليو آ اجان بہ الائي ڪيترا ڌڪا کائي هن ها ڪئي-

هن ڏٺو تہ هرڻي هاڻي ٿڪجي پئي هئي پر ساهہ بچائڻ جي خوف کان مسلسل ڊوڙي پئي-

پئيسن ملڻ کان اڳ هن سوچيو هو تہ مليل پيسا فڪس ڊپازٽ ڪري منافع ۽ پينشن جي پيسن مان گهر ايئن ئي هلندو جيئن نوڪري دوران هليو پئي-

ڪجهہ دوستن مجبوريون ٻڌائي ڪجهہ اوڌر وٺي ويس ۽ ڪن کي چيائين ”ادا- هي منهنجا نہ پر منهنجي ٻچن جي امانت- آ“-

ايئن هڪ ڏينهن هن صبح جو اخبار پئي پڙهي تہ جوڻس ڪٽ تي چانهہ رکي پيراندي کان ويهي رهي، هن کي محسوس ٿيو تہ هو ڪجهہ چوڻ ٿي چاهي عينڪ لاهي ڪيس ڏٺو-

هڪ ڳالهہ چوان؟

چئو.



books.sindhsalamat.com

ڪاوڙ نہ ڪندوءَ-

نہ.

ڪالهہ قربان آيو هو-

پوءِ؟

نوڪري لاءِ ڊڪي ڊڪي ٿڪو آهي ڪٿي ئي نہ ٿا-

.....

خبر اٿوءَ پيسن کان سواءِ تہ پٽيوالي بہ نہ ٿي ملي-

.....

ڪجهہ مدد ڪيونس جڏهن نوڪري وارو ٿيو تہ قرض لاهي ويندو-

هو ٻڌندو رهيو سوچيائين سجي زندگي زال کي ڪجهہ ڏنو نہ آهي نہ گهريو ئي اٿائين- صفا هڏائون پيرو لڳي پئي- سوچيو هو تہ هاڻي ڪجهہ چڱو پائي ۽ چڱو کائي هن ڪيس چتائي ڏسي چيو- ”توکي خبر آهي... ايئن خرچ ڪندا رهياسين تہ سڀ پيسا هٿن مان هليا ويندا“-

ها... پر اسان تہ اڌارا ٿا ڏيونس-

مان توکي ڪيئن سمجهايان.... تنهنجو اهو ڀاءُ سجي شهر ۾ بدنام آ, وتندو رلندو جهيڙا جهٽا ڪندو.

بس... ڇا ڪيون.

اعتبار تون ٿي ڪرينس... باقي هر ماڻهوءَ جو قرضي آ

هن ڏٺو زالنهس رئي سان ڳوڙها پئي اگهيا-

نيڪ آ... ڏسون ٿا.

چيتي ۽ هرڻي جي ڊوڙ ۾ دلچسپي پيدا نہ پئي ٿيس. جڏهن هن محسوس ڪيو تہ ڇهن مهينن ۾ ئي 35 لکن مان هن وٽ وڃي صرف 15 لک بچيا آهن نہ هي هاڻ پنهنجي چيلهہ جي سور لاءِ ڪاٺ جو صندل بہ نهرائي نہ سگهندو ۽ نہ ئي جاءِ کي هٿ هڻائڻ جي طاقت محسوس ڪيائين، پيسن جي کپي وڃڻ جو سوچي ڏک ۾ ورتجي ويو-



www.sindhsalamat.com

هن سامهون ڏٺو۔ چيتي هرڻي کي دسي ڇڏيو ۽ نڙي ۾ چڪ هڻي ويهي رهيو۔ ڪجهه وقت کان پوءِ هن هرڻيءَ کي کائڻ شروع ڪيو. تہ چوڌاري هڪ هڪ تي ڳجهون لٿيون جن اچي هڪ پاسي کان هرڻي کي پٽڻ شروع ڪيو چيتي انهن کي ڀڄائي ڀڄايو تي ۽ موٽي هرڻي ڏي آيو تہ پٺيان ٻين ڳجهن پٽڻ شروع ڪيو هو۔ وري ان پٺيان تہ ٻين اچي ماس پٽي پٽيو هن اهو منظر ڏٺو پٽي پر ڏک هن جي اندر ۾ لهي ويو هو بچيل پيسن تي سوچڻ نہ پٽي چاهيو ڏک ڪري ڳوڙها اکين جا بند ڀڃي نڪتس۔

هن سامهون ڏٺو چيتو ڳجهن کي ڀڄائي موٽيو تہ اتي هرڻيءَ جو ماس ڪونہ هو صرف هڏا بچيل هئا ـ

# سنڌ سلامت

## www.sindhsalamat.com

سنڌ سلامت جو مشن ۽ مقصد سنڌي ٻوليءَ جي ڊجيٽلائيزيشن ۽ پکيڙ کي وسيع ڪرڻ آهي ۽ پڻ دنيا سان گڏ سندس رفتار سان هلڻ جو سانباهو آهي، ڇو تہ تاريخ هميشہ انهن قومن جو احترام ڪيو آهي جن پنهنجي علمي سرمائي جي حفاظت ڪئي آهي. سنڌ سلامت پڻ پنهنجي ٻوليءَ جي بقاء خاطر سنڌي ٻوليءَ ۾ لکيل قيمتي ۽ ناياب ورثي کي ضايع ٿيڻ کان بچائڻ ۽ ان کي نہ رڳو محفوظ رکڻ پر پنهنجي اديبن، ليکڪن، محققن ۽ شاعرن جي علم، هنر ۽ تخليقن کي ڊيجيٽلائيز ڪندي دنيا جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ موجود سنڌين تائين مفت ۾ آسانيءَ سان پهچائڻ جو عزم ڪيو آهي.
اسان جي خواهش هئي تہ سنڌي مواد تي مشتمل هڪ اهڙو ڪتاب گهر قائم ڪجي جتي هر موضوع تي مشتمل ڪتاب موجود ملن. ڪتابن کي ڳولڻ ۽ ڊائونلوڊ ڪرڻ آسان هجي ۽ اينڊرائيڊ سميت آئي فون يا ونڊوز آپريٽنگ سسٽم سميت هر قسم جي ڊوائيس تي آسانيءَ سان آن لائين پڻ پڙهي سگهجي.
۽ اهو سڀ ”سنڌ سلامت ڪتاب گهر“ ذريعي ئي ممڪن ٿي سگهيو.
اميد تہ سنڌ سلامت ڪتاب گهر ذريعي سموري دنيا ۾ موجود سنڌي نہ صرف ڀرپور لاڀ حاصل ڪندا پر سنڌ سلامت ڪتاب گهر کي وڌيڪ فائديمند بنائڻ لاءِ پنهنجو ڀورو ساٿ نڀائيندا.

books.sindhsalamat.com

**سنڌ سلامت ڪتاب گهر جي اينڊرائيڊ ايپليڪيشن پلي اسٽور جي هن لنڪ تان ڊائونلوڊ ڪريو:**

https://play.google.com/store/apps/details?id=com.sindhsalamat.book